# مون کي هي دستور نہ گھرجي

شاعري

لالڻ چنو

ڪنول

پبليڪيشن 2021ع

BOOK NO: (316)

<u>سمورا حق واسطا هٿيڪا</u>

ڪتاب نالو: **مون کي هي دستور نہ گھرجي**
موضوع: شاعري
ليکڪ: **لالڻ چنو**
پھريون ڇاپو: آگسٽ 2021ع
ڪمپونگ: سرمد چنا
ٽائيٽل اسڪيچ: هارون چنا
ڇپيندڙ: ڪنول پبليڪيشن، قنبر

ڪنول پبليڪيشن/ پرنٽر & بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو_ حيدرآباد.

**Cell: 0333-7523132**

**ملھ: 250 روپيہ**

**<u>ڪتاب ملڻ جا هنڌ:</u>**

ڪنول پبليڪيشن& بڪ شاپ، سيد آرڪيڊ، گاڏي کاتو_ حيدرآباد.
پٽائي بڪ اسٽور، حيدرآباد _ ڪويتا ڪتاب گھر، حيدرآباد –
رومي ڪتاب گھر، گدو چونڪ حيدرآباد. دانيال ڪتاب گھر، قاسم آباد.
نئون نياپو ڪتاب گھر، سچل ڳوٺ ڪراچي. _ مرڪ پبليڪيشن، ڪراچي _
ڪاٺيواڙ بڪ شاپ، اردو بزار ڪراچي سنڌيڪا بڪ شاپ، لاڙڪاڻو _
المهراڻ ڪتاب گھر، سانگھڙ _ سليمان برادرس، نواب شاھ _ مدني بڪ اسٽور، دادو
سنڌيڪا ڪتاب گھر سکر_ سارنگ ڪتاب گھر، سکر، سنڌ بڪ اسٽور پڪا چانگ
ٿرڪتاب گھر، مٺي_ خالد بجير، عمر ڪوٽ_ سراج بڪ اسٽور، قنبر

www.sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com

**پنهنجو رک دستور سنڀالي، مون کي هي دستور نہ گهرجي،**
**سنڌ امن جي ڌرتي آهي، جهيڙو فتنو مور نہ گهرجي.**

# ارپنا

**مان ارپيان ٿو هيءُ ڪتاب**

**پنهنجي جيجل امڙ کي،**

**جنهن ننڍپڻ ۾ اسان کي پلئہ پيل ’يتيمي‘ بابا جي وڇوڙي جو احساس ئي نہ ڏياريو،اسان ڇئني پٽن، لعل ڏنو، لالڻ، الهڏنو، الاهي بخش ۽ علي اصغر کي پورهيو ڪري پاليو ۽ خودداري سان جيئڻ جي همت ۽ حوصلو ڏنو.امڙ جي صحت ۽ سلامتيءَ جا ڏٽي در دعاگو آهيون.**

books.sindhsalamat.com

پنهنجي پاران:

حيات کان موت تائين زندگي جي سفر ۾ ڪيترن ئي مرحلن مان گذرڻو پوي ٿو. ٻالڪپڻو جواني،پوڙهائپ، غم خوشي،ڏک ڏوجهرا، ڪاوڙڪروڌ، پنهنجا، پراوا، دوست، دشمن،سچ ڪوڙ تعمير تخريب، مٽ مائٽ، گهرپاڙو ڳوٺ شهر، ديس پرديس ، وفا جفا، ريتون رسمون،ڪاميابي ناڪامي.

مطلب تہ سماجي ٻيهڪ سان انسان جو ڳانڍاپو رهيو آهي ۽ رهندو. حالتون ڪهڙيون بہ هجن ان جو اثر هر ماڻهو جي مٿان ٿئي ٿو جيڪا ڳالهہ فطري بہ آهي. حساس ماڻهو لاءِ اها امتحان جي گهڙي هوندي آهي تہ هو سماجي حالتن کي ڪهڙي رخ سان ڪٽي هلي ٿو. حالتن جو تجزيو ڪري عام لاءِ ڪهڙي راءِ قائم ڪري ٿو. برائي اڳيان ديوار ٻڻجي ماڻهن جو ڌيان ڀلائيءَ جي طرف موڙي ٿو. اها ذات ۽ ڏانءُ تخليقڪار وٽ هوندو آهي ۽ هو پنهنجي تخيل وسيلي عام ۽ خاص لاءِ حال توڙي مستقبل لاءِ هڪ نياپو ڇڏي وڃي ٿو ۽ پوءِ نياپو ٻڌندڙ تخيل، تخليقڪار ۽ ان نياپي بابت پنهنجي راءِ جوڙي ٿو.

تخليڪار شاعر پنهنجي سماج جو باشعور فرد ليکيو وڃي ٿو . ان جي هر تخليق ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ تي خاص اثر ڇڏي ٿي. ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ تنقيد نگار بہ ٿئي ٿو تنقيد نگار تخليقڪار جي هرتخليق کي سندس ڪردار سان بہ ڳنڍي ٿو. ان ئي تخليقڪار جي تخيل جو عام و خاص تي ئي اثر ٿئي ٿو جيڪو ڪردار ۾ بہ پنهنجي تخيل جهڙو هجي .

منهنجي زندگي جو هر باب گهڻن تجربن ۽ مشاهدن ڏکن ڏوجهرن ڳوڙهن توڙي ٽهڪن سان ڀريل آهي.منهنجو هر شعر منهنجي غم ۽ خوشيءَ جو عڪس ۽ اولڙو آهي.مون بہ سنهو ڪتڻ بجاءِ رنڍا روڙيا آهن نہ مان ناڪاميءَ تي پريشان ٿيندوآهيان نہ ڪاميابيءَ تي خوش ٿيندو آهيان سدائين جستجو ۽ جاکوڙ ۾ حياتي گذري آهي. پورهيي تي ايمان رکي پورهيت کي اتم ۽ اعليٰ سمجهندو آهيان. ننڍي لاکون اديبن عالمن سپورنج ۽ سگهڙن جي ڪچهرين ۾ ويهڻ ۽ صحبت نصيب ٿيڻ ڪري وهمن وسوسن ۽ خام خياليءَ کان ڪونهين ڏور رهيو آهيان. حقيقت


www.sindhsalamat.com

پسنديءَ ڪان ڪڏهن بہ منهن ناهي موڙيو. انفرادي فائدي بجاءِ اجتمائي سوچ جو حامي رهيو آهيان. منهنجو هي شاعراڻو تخليقي پورهيو پڙهندڙن ۽ ٻڌندڙن جي اڳيان رهيو آهي. اهي ئي اصل نقاد آهن. پنهنجي شعر ۾ پنهنجي عقل شعور سمجهہ کي لفظن جي جوڙ جڪ ۾ سموئي پني جي پڌرتي ايمانداريءَ ۽ ذميواريءَ سان حاضر ڪيو آهي. تخليقي صلاحيت جي حوالي سان منهنجي ڪا بہ ننڍي يا وڏي دعوي نہ آهي نہ رهندي، اڻڀٽيون اوڻايون بہ ٿي سگهن ٿيون. بس هڪ ننڍڙي ڪوشش ڪئي آهي تہ ڪنهن بہ طرح انهن معزز پڙهندڙن تائين فڪري نياپو پهچي. قبول ڪرڻ نہ ڪرڻ ۾ اوهان آزاد آهيو.

مون هن طبقاتي سماج ۾ هر قسم جو ظلم اکين ڏٺو آهي.هن پوتارڪي سماج ۾ هارين سان ٿيندڙ بي واجبيون بہ ڏٺيون آهن تہ پورهيتن سان سيٺين جون ستم ظرفيون بہ ڏٺيون آهن.رياست اندر سياست جي چانون ۾ قومي لٽمار بہ ٿيندي ڏٺي آهي تہ پيرن جي منڍن مڪرن ۾اپوجهہ ۽سادن انسانن کي ڦرجندي بہ ڏٺو آهي اهڙي فرسوده سماجي حالتن ڌرتي ڌڻيءَجي اهنجن سنڌ جي وسيلن جي ڦرلٽ جو اثر هڪ حساس شاعر تي پوڻ اٽل آهي حضرت منصور حلاج ، سچل سرمست ۽ ڀٽائي کان بخاريءَ تائين فڪري ڌارا ۾ پاڻ سميٽڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. وطن دوست فڪر جي دوستن جي صحبت جو اثر بہ منهنجي نظرياتي سوچ ۾ شامل آهي.

سچل ادبي سنگت ۽ سنڌي ادبي سنگت جون گڏجاڻيون تخليقي واڌ ويجهہ جوسبب آهن. منهنجي زندگي ڪارائتي بڻائڻ ۾ ڪيترن ئي دوستن عزيزن جا اڻ ڳڻيا احسان آهن. انهن جو ذڪر پنهنجي آتم ڪٿا واري ڪتاب ۾ضرور شامل ڪندس.

پهرئين شاعري مجموعي ”يادن جو قيد“ کان پوءِ هي ٻيو شاعري مجموعو ”مونکي هي دستورنہ گهرجي“. اوهان جي نظر ڪري رهيوآهيان. اوهان جي تنقيد اکين تي رکندس. ساڻ سلامت سنڌ سلامت

**لالڻ چنو**
**ساگر جو گهر سوڀوديرو، ضلع خيرپور**
**03063126672**



## حمد

سهڻو تون سهڻو تنهنجو جوڙيل جهان مولا
تعريف کان گهڻو آ تنهنجو ئي شان مولا

آهين تون ٻر بحر ۾ ڏسجين ٿو هر نظر ۾
اهڙي تون جاءِ جوڙي انسان جي اندر ۾
تڏهن مٿي ٿيو آ ماڻهوءَ جو مان مولا

سهڻي آ ذات تنهنجي هيءَ ڪائنات تنهنجي
سهڻو تون ڏينهن ٺاهيو سهڻي آ رات تنهنجي
تنهنجي مٿاهين منزل اعليٰ مڪان مولا

نظرِ ڪرم عنايت تنهنجي کپي او سائين
سنڌڙيءَ سميت ساري دنيا جا درد لاهين
”لالڻ“ سان ڪر نہ ليکا ٿيءُ مهربان مولا

## نعت

منهنجا منڙا نبي منهنجا پيارا نبي
بي سهارن کي ڏيندين سهارا نبي

خدا خلقي خدائي خاص تنهنجي ڪري
گهٽي عظمت عزت شان وارا نبي

روضي اطهر کي جنهن آ اکين سان ڏٺو
پسيا جنت جا تنهن جڻ نظارا نبي

ڪل انبياءَ جو سرواڻ سرتاج تون
مليو ياڳن ۾ آهين ڀلارا نبي

لکين "لالڻ" جهڙا تنهنجي در تي جهڪيا
ڪر ڪرم پنهنجي سائل تي سارا نبي


books.sindhsalamat.com

## غزل

ڪيئن پليان مان پاڻ پنهنجو او پرين پلجي نہ ٿو
چا ڪيان ڪنهن سان بہ منهنجو روح ئي رَلجي نہ ٿو

دل تي دردن جو گهٽو من بار پيو تي ٿو پوي
ڪين ٿو هلڪو ٿئي، هي سورجي سلجي نہ ٿو

حال منهنجو هي ڏسي هِن هُن پڇيو چا ڳالهہ آ
دل گهرين تن دوستن کان راز پوءِ الجي نہ ٿو

ياد تنهنجي جو اچي تي ، ٿو مچي ماتم وجي
ٽا وهن ڳوڙها اکين مان، هيانءُ پيو جهلجي نہ ٿو

هڪ سِڪي جا جڻ بہ پاسا پاڻ پئي آهيون پرين
بيون ڪيون کهڙيون ٽَلون هي فيصلو ٽلجي نہ ٿو

پل سَري تنهنجي او سهڻا ڪين ٿي منهنجي سَري
زندگيءَ ۾ منهنجا "لالڻ" هيڪلو هلجي نہ ٿو


www.sindhsalamat.com

## غزل

وقت جي ڪنهن وهڪري ۾ ڪيئن وهندي زندگي آ
روز ٺهندي زندگي آ، روز ڊهندي زندگي آ

تهمتن جا پيي سوين طوفان ايندا ٽا رهن
ڪي گلائون ۽ ڪٿي الزام سهندي زندگي آ

جنهن سجاتو پاڻ کي سو ئي سڃاڻي ٿو خدا
پاڻ ۾ تون ڳولهه پنهنجو پاڻ چوندي زندگي آ

مند جو مٽجڻ آ فطرت تون بدلجي ڪيئن وئين
تو بنا بس بي مزي محبوب رهندي زندگي آ

ڪا گهڙي مون ڏي ٿي آٽي جهول خوشين جا پري
ڪا گهڙي ٿي منهنجا دلبر بار پوندي زندگي آ

ڪک کان ڪمزور ماڻهو جي ڪري ٿي ٿو پوي
جي چڙهي ٿو پئي پوءِ ”لالڻ“ لک لهندي زندگي آ



## غزل

اکڙين ڪئي پئي مرڪي آجيان تہ عيد جي
ايندين تہ سچ پچ ٿيندي ساپيان تہ عيد جي

ها! ساٿ ڏي تون منهنجو آواز اچ ملائي
ڪافي ڪا گڏجي تو سان ڳايان تہ عيد جي

سينگار ڪيو سهڻي منهنجي ٻہ جاڳي حسرت
ميندي هٿن تي مان ٻہ لايان تہ عيد جي

دل ٿي چوي مان هيڪر جي ٻار ٿي وڃان هان
هاڻي نہ گهرندو خرچي آهيان تہ عيد جي

سامهون هجي جو دلبر ڀيو چا گهران خدا کان
سڀ کان وڏي خوشي اچ ماڻيان تہ عيد جي

لهي سڪ ٿي تڏهن ”لالڻ“ جاني ٿو ڳل لڳائي
ڪلندي وٺي مٺائي ورهايان تہ عيد جي

## غزل

سنڌ اسان جي شان اسان جو
آزادي ايمان اسان جو

هيڪل پاڻ دنيا ۾ ناهيون
پورو هيءُ جهان اسان جو

ڌرمن ۾ چو ڌار ڪيو ٿا
رام سچو رحمن اسان جو

قسمت ڇا جي تو تہ ڦريو آ
پاڻيءَ سان گڏ نانُ اسان جو

جيجل سنڌڙي سنڌ نہ ٿيندي
وري ڪو ڄمندو خان اسان جو

ڪير ڪندو ٻيو سوچو ڇا ٿا
دارون ۽ درمان اسان جو

لاڙ اتر ڪو ڌار نہ ”لالڻ“
ٿر بر ڪوهستان اسان جو



## غزل

خوشيون گيت گانا مگر مان نہ هوندس
اڙي او زمانا مگر مان نہ هوندس

اکڙين ۾ ساراه سانديو تون رکجان
ڪي سپنا سُهانا مگر مان نہ هوندس

پرچڻ رُسڻ جي اها ريت رهندي
۽ تنهنجا بهانا مگر مان نہ هوندس

منهنجون ڪهاڻيون ڪتابن ۾ پڙهجان
اُهي ئي فسانا مگر مان نہ هوندس

ڏکي يا سکي مون گذاري حياتي
رهيا آستانا مگر مان نہ هوندس

مُئي ڪان پوءِ مون ڏي جي ايندين تہ ڇا ٿيو
او ”لالڻ“ جي جانا مگر مان نہ هوندس

## غزل

هيٺن کي هيسائڻ وارا بيهودا بدڪار ڏٺا مون
پاپي پٽ وڏيرن جا هٿ وحشي ڪي پوتار ڏٺا مون

خوف جا ماريل ڳوناٽا اڄ بيوس ۽ لاچار ٻٽيا هِن
چڪ ۾ پادر اڪ ۾ ڳوڙها پورهيت پيءُ جا ٻار ڏٺا مون

سارو تر تپايو جن آ سارو ڏيهه ڏڪايو جن آ
پيرَ مُلان بہ تن جا ساٿي ڏارين جا سڀ يار ڏٺا مون

چور ۽ چمچا ساڻ ڪري تا ڳوٺن ۾ ڌهڪاءُ پکيڙن
ويگو پراڊو پيجارو ۾ هيڪاندا هٿيار ڏٺا مون

وحشت دهشت جاري جن سرڪار بہ آ سهڪاري تن
مظلومن سان باقي ”لالڻ“ شاعر قلمڪار ڏٺا مون



## غزل

هڪ ڏينهن جي تہ ناهي، چو دوستي چنو ٿا
مون كان ئي يار منهنجي جڻ زندگي چنو ٿا

هڪ ٻئي تي ڀروسو ۽ ويساهہ بہ وڏو هو
ياري پڪي ۽ پختي جلدي رکي چنو ٿا

محبت ڪبي نہ آهي، ٿي اوچتو وڃي ٿي
هرهر ڳنڍي سا ڳنڍجي ڇا ڪان رُسي چنو ٿا

ليڪو نہ ٿيندو آهي مون پيار ۾ ٻڌو آ
مون ۾ معيار ڪهڙي دلبر ڏسي چنو ٿا

ڳڏجي جيئڻ مرڻ جا اقرار ياد ڪر تون
واعدا وچن سمورا ها ڏس سچي چنو ٿا

ڪي يادگار لمحا ”لالڻ“ جي زندگيءَ جا
سا ياد ٿي روئاري ڏئي جو خوشي چنو ٿا

## غزل

توکان جو ڏور هوندو
روئندو ضرور هوندو

ڪو سونهن جي ذريءَ تي
ها! ڪندو غرور هوندو

آيو نہ دل پڇي تي
شايد تہ مجبور هوندو

آ بيوسيءَ جو عالم
پوندو تہ پور هوندو

تنهنجو توکان تہ ”لالڻ“
وسريو نہ مور هوندو



## غزل

دوستي تي يار قرباني گهري
جيئن بکايل ٻار ٿو ماني گهري

ڳسُ ڳسر سان قرب هلندو آ پرين
جان ڏيان مون کان بہ جي جاني گهري

هڪ سچ پاچا بہ چوٽي آ ٻڌي
وقت پيٽي سان ٿو ڳڏ تاني گهري

ديس تي آزاد ويندو نيٺ پر
سنڌ جو اتحاد ٿو باني گهري

پيءُ پوڙهو ٻار بہ بيمار سي
پوءِ بہ پئسا پيرُ ٿو ڏاني گهري

لوچ کان پوءِ سوچ ”لالڻ“ تي جڙي
آواز سان آواز ٿو ثاني گهري

## غزل

انصاف ٿيو محتاج مهانگي وڪيل جو
چا ٿيندو يا خدا هن مفلس اصيل جو

دولت جي ڪري ٿيو مٿي مذهب ۽ مرتبو
رب ناهي رکيو فرق ڪو مسلم يا ڀيل جو

ٿي وقت جي تارازي ڪري اُتل اُن طرف
جنهن طرف آهي زور سفارش سبيل جو

ملزم کي ڇيو منصف ٻڌ ڳالهه غور سان
تون ڪول ڪيسو وقت ڪونهي ڪو دليل جو

ڪنهن ڪنڌ ۾ شرافت آهي وڃي لڪي
آ واڳُ وڏيل لوفر ، رهزن ، ذليل جو

گمراهه ڪيو زرد سياست عوام کي
نعرا هنبوشيون ڪوڙيون رڳو خيال ڏيل جو

گِروي رکي سنڌ کي ڪرسي ڪري ٿو حاصل
منهن ڪونہ وٺندو اهڙي بڇڙي بخيل جو

ڪيو احترام سچ سونهن سنڌ جو سدا
رکجو لحاظ ”لالڻ“ منهنجي اپيل جو



## غزل

منهنجي من ۾ ٻارڻ ڪو ٻاري ڇڏيئي
وڏي ڳالهه آ جو وساري ڇڏيئي

توکي چاهيو دل جي عقيدي سا مون
ڏئي يار ڳٽيون تہ ڳاري ڇڏيئي

وڇوڙي جو صدمو سهڻ کان سوايو
پرين نانءَ دل تان ئي واري ڇڏيئي

نہ محبت جو معراج ماڻي سگهياسون
جواني جدائيءَ ۾ گهاري ڇڏيئي

ملڻ ڪو بهاني جو محتاج ناهي
يڪو آسري ۾ ويهاري ڇڏيئي

اميدن جي ٻيڙي اجا سير ۾ آ
لائي چونہ ”لالڻ“ ڪناري ڇڏيئي

## غزل

دوستن جي دوستي قائم رهي
پرڪشش هيءَ زندگي قائم رهي

محبتن جا ميڙ هي مچندا رهن
ساٿ سنگت سڪ سچي قائم رهي

ڪي ڪچهريون قرب واريون پاڻ ۾
زندگي ۾ بندگي قائم رهي

حال محرم ۾ جهلا هڪ ٻئي جا ٿي
همدردي پي حقي قائم رهي

رنجشون ساريون ڀُلائي ها ڇڏيون
دلربا ۽ دلبري قائم رهي

عمر ۾ هي جستجو ”لالڻ“ اٿم
يادگيري ڪا يڪي قائم رهي

◘


books.sindhsalamat.com

## غزل

ڏکن ڏني ڏات توکي ساريان ٿو
ڏينهن هجي يا رات توکي ساريان ٿو

آس رکي ويٺس اڄ يار اڱڻ ايندي
ڪانگ لنوين لات توکي ساريان ٿو

نہ راس خوشي آئي نہ سانگ سجايا ٿيا
ڏئي مايوسيءَ کي مات توکي ساريان ٿو

مون سوچيو سپني ۾ ديدار ڪجي جيڪر
وئي ننڊ ڦٽي پرڀات توکي ساريان ٿو

منهنجي جذبن کي ڪا جوت تون وري ڏي
ڪر تڪڙي ملاقات توکي ساريان ٿو

منهنجي ساهہ ۾ گڏ توسان سنڌ سمايل آ
پڇ ”لالڻ“ جي نہ ذات توکي ساريان ٿو

◘


www.sindhsalamat.com

# غزل

حال جو محرم ٻيو ڪٿان آڻيان
تو جهڙو صنم ٻيو ڪٿان آڻيان

ڪو ڪنهن جي خوشيءَ ۾ خوش ڪونہ آ
پوءِ شريڪ غم ٻيو ڪٿان آڻيان

منهنجي دين چيو مون کي حق موجود
مٿي تنهن ڪان ڌرم ٻيو ڪٿان آڻيان

توڪان سنڌ جي صدقي ساڻ گهريو آ
اهڙو ئي ٻيو قسم ڪٿان آڻيان

هڪ سِرُ آ منهنجو مال ۽ مڏي
سوڀ توکي ڏنم ٻيو ڪٿان آڻيان

سڀ شعر "لالڻ" تولاءِ ئي لکيا
ٻئي لاءِ نظم ٻيو ڪٿان آڻيان


books.sindhsalamat.com

# غزل

راحتن جي راهہ ۾ رڪاوٽون وڏي ويون
مون چاهتون تلاشيون شڪايتون وڏي ويون

سياستن جي ڇانوَن ۾ گناهہ ۽ غبن ٿيا
"ڊيل" جي ثواب سان مراعتون وڏي ويون

هو پير داداگير ٿي پيو قوم کي ٺڳي اجا
ڪوڙ جون ڪهاوتون ڪرامتون وڏي ويون

ڪو دين ڪو زمين لاءِ سنڌ تو لٽي ڦري
ڏاهرن سان ڏاڍ ۽ رقابتون وڏي ويون

جنهن سچ چيو مچ مچي ان جي ڪاڻ ويو
تنهن پٺيان دشمنيون ۽ سازشيون وڏي ويون

پل نہ ٽيندو هو پري اج ڏور تو گهاري پرين
ان مهربان محبوب جون عنايتون وڏي ويون

مان چونہ لکان "لالڻ" هن سنڌ ۽ سماج لئہ
ذهن ۾ ڪي زلزلا بغاوتون وڏي ويون


www.sindhsalamat.com

## غزل

رات ڪاريءَ ۾ ننڊ نہ آئي
بيقراريءَ ۾ ننڊ نہ آئي

سچ اپري ويو اوسئڙي ۾
انتظاريءَ ۾ ننڊ نہ آئي

ياد ماضي ۽ درد پيڙائون
سنگت ساريءَ ۾ ننڊ نہ آئي

تنهنجي منهنجي جدائيءَ جي
پيل گهاريءَ ۾ ننڊ نہ آئي

ياد اچڻ سان اکيون وسيون هيون
ذڪر جاريءَ ۾ ننڊ نہ آئي

ڪنهن سان ”لالڻ“ نينهن لڳو آ
ڪياس آريءَ ۾ ننڊ نہ آئي

◘



## غزل

زندگي تو لاءِ خوشين جي کاڻ آ
زندگي نئون سور منهنجي ڪاڻ آ

زندگي تو لاءِ مزا، عيدون. وهانءَ
زندگي مون لاءِ متل مانڌاڻ آ

زندگي تولاءِ ڏکڻ جي هير آ
زندگي مون لاءِ جهولو ڪاڙهاڻ آ

زندگيءَ جي موج مستيءَ ۾ هجو پل
زندگي مون لاءِ زهر تي هاڻ آ

زندگيءَ کي تو نہ سمجهو آ صحيح
زندگيءَ جي مون کي بہ ڪجهہ ڄاڻ آ

زندگي ”لالڻ“ گذاريون ڪيئن تا
خواب، اوجاڳا اکين لالاڻ آ

◘

## غزل

نہ ٿيءَ ناراض پيرن کي جهلي بس يار ويندا سون
روئي روئي بہ آخر دل پلي بس يار ويندا سون

پڪي دل ڪا پٿر جهڙي تہ ڪائي ميڻ ڪان ڪوئنري
اندر جو سور سڀ ڪنهن سان سلي بس يار ويندا سون

ڪرايا حالتن ڪيڏا تجربا روز هن مون کان
چوڻ چا تا گهرن ماٺهو تلي بس يار ويندا سون

ڪيون تا ڳالھ جا پرپٺ گلا ۾ ليڪجي تي سا
چئو منهن تي قبوليندا پلي بس يار ويندا سون

سدائين ساٿ سچ جو مون ڏنو آهي اجا ڏيندس
دانگي تئو ڪوڙ جي منهن تي مَلي بس يار ويندا سون

زماني کان شڪايت اڳ،پرين اج پاڻ کان آهي
نٿو ڪنهن تي حڪم دل جو هَلي بس يار ويندا سون

مجان تو موت تحفو آ حياتيءَ جو وڏو سائين
خوشيءَ سان سو لائي "لالڻ" ڳلي بس يار ويندا سون


books.sindhsalamat.com

## غزل

سواءِ تنهنجي ڪهڙو جيئڻ زندگيءَ ۾
مرڻ کان اڳي ٿيو مرڻ زندگيءَ ۾

اسان ڪين ڪنهن سان عداوت رکون ٿا
نہ ڪي وير جاٽون ونڻ زندگيءَ ۾

سچو ساٿ سڀ کي تہ گهرجي ٿو سائين
ڏکيو آهي هيڪل هلڻ زندگيءَ ۾

ڪتيو يا هارايو ڪجي پيٽ ڪهڙي
گهٽو ڪجھ پيو آ سهڻ زندگيءَ ۾

سجي سنڌ پرتل هجي پاڻ ۾ شل
ڏسان قوم جو ڪيئن رُسڻ زندگيءَ ۾

تنهنجي پيار مون کي لکڻ آ سيکاريو
تڏهن ٿئي تو "لالڻ" لِکڻ زندگيءَ ۾


www.sindhsalamat.com

# غزل

او پرين او پرين اوپرو ٿي نہ وڃ
پيار ڏئي پوءِ وري پرپرو ٿي نہ وڃ

هوش ۾ جوش ۾ سوچ ساڳئي رهي
ڪنهن جي چاهت ڏسي ڪا چريو ٿي نہ وڃ

آر ۾ سار ۾ وجهہ نہ ايڏي وِٿي
تون اڇڻ ۽ وڇڻ کان ڍرو ٿي نہ وڃ

پاڻ آهيون ڪنارا ڪٿي ٿا ملون
تون بہ مون لاءِ منجهيل مامرو ٿي نہ وڃ

سونهن آهي سچي سادگيءَ ۾ رکي
پائي ڪلفي وڳو ويڪرو ٿي نہ وڃ

پاڻ کي ٻار چالاءِ تو ”لالڻ“ چوين
هن عمر ۾ هاڻي ڇوڪرو ٿي نہ وڃ


books.sindhsalamat.com

# غزل

منهنجي سنڌڙي منهنجي ماتا
تنهنجا منهنجا پراڻا ناتا

تنهنجو نيهن نماز کان افضل
عاشق سر گهورڻ لاءِ آتا

هيمو هوشو دودا ڏاهر
ويندا آهن توسان سُڃاتا

مرڪي ”موهن“ اڄ بہ چوي ٿو
سهڻو ديس بڻايو داتا

تنهنجو دشمن جهنم رسندو
ٻار ٿا ٻولن ٻول هي ٻاتا

ڌاريا قابض لوڏي ڪيڍ با
بند ٿي ويندا تن جا ڪاتا

عرب ايراني يا افغاني
پونءِ پڇايا ڪنهن بہ نہ ڄاتا

پيار امن هٿ پلندو ”لالڻ“
مردن ڇوڙا ناهن پاتا


www.sindhsalamat.com

## غزل

دوستن سان سفر ۾ آهيون
ڪس ڪانهي ڪسر ۾ آهيون

جنهن جو نہ ڪو آر پار آهي
برهہ جي انت بهر ۾ آهيون

هر جاءِ جل جلالھو آ
مسجد توڙي مندر ۾ آهيون

ڪاوڙ مان ڏنائين چا ٿيو
پوءِ بہ سندس نظر ۾ آهيون

چوي نہ ٻڌي ڪوئي سچ ٿو
ڪوڙن جي ڪوڙي اثر ۾ آهيون

نظم سمايل منهنجي سيني ۾
ڪڏهن لکندا نثر ۾ آهيون

اکين تي ”لالڻ“ سوپوديرو
شاعرن جي شهر ۾ آهيون

▣



## غزل

اسان جي پيار جا پاچا اجا تائين لڙيا ناهن
پنهنجي پرواز جاري آ ڪڏهن بہ پر سڙيا ناهن

ڪري قبضو ويٺا آهن اسان جي ديس جا ويري
ڪيو لوڏي اهي ڏاريا چو ڏرتيءَ تان تڙيا ناهن

ٻڌو آ پيار جي ٻولي پکي سارا بہ سمجهن ٿا
تو چو ماڻھو پنهنجي پاسي تہ قربن ۾ ڪڙيا ناهن

لاوارث لاش روڊن تان مليا چچريل ڪي باغين جا
جهڀو آيو نہ توکي ڪو اکين ڳوڙها ڳڙيا ناهن

سباجهي سنڌ جا عاشق چون ٿا آجپو گهرجي
سچو آ سيد جو نظريو هي اکرن منجه اڙيا ناهن

منهنجي تاريخ ۽ تهذيب کي دنيا قبولي ٿي
لکيا ”لالڻ“ جيڪي ڏاهن پنا سي تو پڙهيا ناهن

▣



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

## غزل

قابو ڪر تون ڏاهپ پنهنجي,ڪوڙي نہ دانشمندي گھرجي
جنهن سان سنڌ جا سوروڌن سا,سوچ نہ تنهنجي گندي گھرجي

منهنجو مذهب پيار محبت,تنهنجو مذهب ڊونگ شرارت
پاپ ڪرين ٿو ڏوهہ ڏِسين ٿو اهڙي اک نہ انڌي گھرجي

توسان ملا پير پنڊت سڀ, مونسان منهنجو پٽ ڏٽي آ
حق جي وائي هر هنڌ ڳائي, ڦير فريب نہ ڦندي گھرجي

قدرت جو قانون اهو ٿي ، تبديليءَ کي ڪيئن ٿو روڪين
ذهنن کي ڪيئن قيد ڪندين,نہ فطرت تي پابندي گھرجي

ڪڏهن گڏ هئين ارغونن سان ترخانن سان انگريزن سان
تنهنجا روپ سڃاڻا ٿو مان ، چند مڪر نہ چندي گھرجي

سنڌ وطن سان ساڙ رکن جي تن جو دين تہ اٽپورو آ
جڳ جڳ جيئن ديس جا واسي, تن کي چڪ نہ ڏندي گھرجي

روشن مستقبل جي خواهش ، ”لالڻ“ دل ۾ هر دم هوندي
نفرت ڪان بس نفرت آهي ڳالهہ نہ سورن سندي گھرجي


books.sindhsalamat.com

## غزل

چوريون ڌاڙا قتل ڪرپشن
ڪنهن جي تور نہ ماپو آهي

قيامت جي آ يار نشاني
اسڪولن تي ڇاپو آهي

پيجارو تي چڙهي پنن ٿا
لاڳو تي پيو لاپو آهي

ذردارن کي ذر تي گھرجي
پهتو سڀ ڏي نياپو آهي

ڪن لاءِ تازا طعام بہ آهن
ڪن لاءِ چانهہ نہ پاپو آهي

ڪانئر ڪوڙا سنڌ جا ويري
توسان جنگ جياپو آهي

هيٺو تي انصاف ڪُسي ويو
ڏاڍن هٿ ۾ ڪاپو آهي

زور ظلم جو آخر ”لالڻ“
ٽيٽو نيٺ تہ ڪاپو آهي


www.sindhsalamat.com

## غزل

تنهنجو منهنجو حساب ڪهڙو آ
پيار ۾ ٻيو جواب ڪهڙو آ

ڪنهنجي چاهت ۾ ٿي چري آهين
ڏس اهو ئي جناب ڪهڙو آ

سور سنڌ جا سيني سان لاتا مون
تنهن ڪان وڌ ڪو ثواب ڪهڙو آ

درد منهنجا بہ دنگ رهجي ويا
ڪليو ڏکڙن جو باب ڪهڙو آ

ٻونءِ ٻِتائيءَ جي من جاڳي پوي
جهومي دل جو رباب ڪهڙو آ

ڳالهہ ”لالڻ“ سڌي ۽ صاف ڪجي
دوستيءَ ۾ بس حجاب ڪهڙو آ



books.sindhsalamat.com

## غزل

عقيدت جي ڳولا ۾ گم ٿي ويا سين، حقيقت جو رستو نظر ڪونہ آيو
نفرت جا چولا ٿي پرندا رهياسين، محبت جو رستو نظر ڪونہ آيو

شريعت طريقت جي سڌ ڪابہ ڪانهي ،رسمن جي ڦندي ۾ ڦاسي وياسين
خدا جي خلق کي آزاري وڌوسين، هدايت جو رستو نظر ڪونہ آيو

ذلالت ۾ زندگي گذارڻ جا عادي . نشانو حقارت جو بڻجي وياسين
دنيا تي نظر ڪر ڪٿي پاڻ آهيون،شرافت جو رستو نظر ڪونہ آيو

سهپ سرت ساجاهہ وئي موڪلائي،شڪايت جي ڪاتي ۾ ليکيا وڃون ٿا
نہ آئيندي جي ڳڻتي فهم ڪو فڪر آ،فضيلت جو رستو نظر ڪونہ آيو

ڌارين جو ڌرتيءَ مٿان قبضو جاري،غلامن ڪان بدتر حياتي ٿي گذري
نڪو ياد ماضي نہ اڳ جي خبر ڪا،نصيحت جو رستو نظر ڪونہ آيو

ملان پير پنڊت جي مڪرن منجهايو،وهمن جي چڪرن ۾ اڙجي پياسين
نہ آدم جي رتبي جي عزت ڪيون ٿا،عظمت جو رستو نظر ڪو نہ آيو

منهنجو نينهن ”لالڻ“ لڳي سنڌ سان ويو، اهڙي سونهن سرتي ٻي ڪانہ ٿيندي
مٿي تنهن ڪان مونکي سمجهان ٿو باقي،عبادت جو رستو نظر ڪونہ آيو



www.sindhsalamat.com

## غزل

پاڻ پلو سنسار پلو آ دولت ڪان وڌ پيار پلو آ
جاتي ڪاٿي ڪم اچي ٿو ماڻهو جو ڪردار پلو آ

وقت هٿن مان نڪري ويندو آهي پنهنجي ياد ڇڏي
ساٿ سکن ۾ سڀ ڪو ڏيندو سورن ۾ سهڪار پلو آ

ڪنهن جو بہ ويساهہ نہ ٽوڙيو همدرديءَ ۾ ڦير نہ رکجي
پوئين ڦڪت ڪان بهتر آهي اڳ ۾ ئي انڪار پلو آ

سنڌي ٻولي قومي ٻولي پوري حياتي پاڻ پڙهايان
پيل هند و يا مون لاءِ مسلم سنڌڙيءَ جو هر ٻار پلو آ

لاڙ اتر ۾ ٿر هي ڪاڇو ساري سنڌ امن جو پاڇو
مرڪون ٽهڪ پڙاڏا گونجن اهڙو ئي اظهار پلو آ

درد سمورا وڪري ويندا معصومن جيان مرڪي ملجي
دل تہ چوي ٿي جلدي "لالڻ" دلبر جو ديدار پلو آ


books.sindhsalamat.com

## غزل

تنهنجي اکڙين ۾ اڄ پاڻي آ
پيو ياد ڪو تو کي هاڻي آ

مونکان منهنجي ڳالهہ نہ پڇ
هي جيون درد ڪهاڻي آ

ڪنهن دل جا پيا ارمان ٽٽي
ڪن خوابن ساپيان ماڻي آ

تو ساٿ سکن ۾ هر ڪو ڏئي
ڪو سورن منجهہ نہ ساٿي آ

بي خبري ۾ ٿي ويو هوندو
ڪيو پاپ نہ ڄاڻي واڻي آ

هڪ "لالڻ" ويو دنيا کي ڇڏي
آيو نياپو نہ تو تاڻي آ


www.sindhsalamat.com

## غزل

سنڌ جي لئہ آزار نہ گھرجي
بيهودو پوتار نہ گھرجي

پورهيي ڪان جو عاري آهي
پير اهو پينار نہ گھرجي

جيڪو پنهنجي قوم رلائي
اهڙو ڪو سردار نہ گھرجي

هاري پورهيت ڏاڍي هٿ ۾
ظالم سو ذردار نہ گھرجي

چور ڪري ٿو چوڪيداري
پاپي پهريدار نہ گھرجي

جيڪو ديس جو درد نہ ڄاڻي
بندو سو بيڪار نہ گھرجي

سچ لکي نہ ”لالڻ“ جيڪو
ڪوڙو قلمڪار نہ گھرجي

◘


books.sindhsalamat.com

## غزل

ڦري وقت ويندئي پوءِ واڪو تون ڏسجان
تنهنجو نہ رهندو ڪو ڏاڪو تون ڏسجان

سڄي سنڌ پيلي ڦري تون ڪٽي وئين
نہ لڳندئي ٽُٽيءَ ڪي ٽاڪو تون ڏسجان

تنهنجا محل ماڙيون تہ لوڏن ۾ هوندئي
لهندين نہ ڏاڪڻ جو ڏاڪو تون ڏسجان

هٿن ۾ هٿوڙا ڪي ڏاٽا تہ هوندا
اٿي ڪيئن پوي ٿو ڪاڪو تون ڏسجان

گهٽا ناس نمرود فرعون ٿي ويا
ڪٿي آ شدادن جو ٽاڪو تون ڏسجان

عمر ڀر گذاريو تون عيشن ۾ ليڪن
جهوريندو توکي هي جهاڪو تون ڏسجان

اُڏي دانهن ”لالڻ“ جي عرشن تي پهتي
راڄن ۾ پنهنجو رولاڪو تون ڏسجان

◘


www.sindhsalamat.com

## غزل

همٿ آهي حقير تہ ناهيان
ڪنھنجو يار اسير تہ ناهيان

تو تہ دلاسو ڪونہ ڏنو پر
دلبر ٿيو دلگير تہ ناهيان

پورهيي تي ايمان پڪو آ
يار پِنا ، ڪو پير تہ ناهيان

چو ٽا ملايو پاٽي ايڏو
وڪرو ٿيندڙ ڪير تہ ناهيان

ماٺ گذاريان ايوانن ۾
ميمبر مان ڪو وزير تہ ناهيان

سنڌ کپائي دبئيءَ وچ جي
ديس جو داداگير تہ ناهيان

قوم کُھايان ڪرسيءَ خاطر
مان ڪو جعفر مير تہ ناهيان

لفظ لکيا مون ”لالڻ“ سادا
تاجل يا تنوير تہ ناهيان


books.sindhsalamat.com

## غزل

سيني ڪي سردار سڏي ٿو
زوريءَ هو زردار سڏي ٿو

ڪل پنيءَ تان لاهي ڇڏيندئي
جلدي ڪر پوتار سڏي ٿو

پيري بسون ۽ ترڪون پڇايو
ماڻهن جون، ڪمدار سڏي ٿو

خوف جا ماريل هاري سارا
ڏاڍن جو ڌڪار سڏي ٿو

ڪرسيءَ جي بک راڄ رلايا
ڦرڙو ڦيريدار سڏي ٿو

سنڌ سموري وڪٽي ويٺو
ڪرڙو ٿس واپار سڏي ٿو

”لالڻ“ پاڙڻ لطيف جا آهيون
پنھنجو ئي هڪ يار سڏي ٿو


www.sindhsalamat.com

## غزل

اوهان جي دور ڪي هاڻي، ڏسيو عنوان ڪهڙو ڏيان
چون ٿا چور ڪي هاڻي، ڏسيو عنوان ڪهڙو ڏيان

گهريو انصاف هو جنهن به ڪٿيو سو ويو ڪراچيءَ ۾
ظلم هن زور ڪي هاڻي، ڏسيو عنوان ڪهڙو ڏيان

ڪري گم پوءِ ڏين لاشا سوين سنڌي جوانن جا
جسم ٿيل پور ڪي هاڻي، ڏسيو عنوان ڪهڙو ڏيان

حوا ڇايون هتي ڪي ٿي چڙهن وِرِ روز بگهڙن جي
هنئي ست نور ڪي هاڻي، ڏسيو عنوان ڪهڙو ڏيان

جيئڻ جا حق ڪسي سارا هنيئون جمهور جا نعرا
انهي تڪ تور ڪي هاڻي، ڏسيو عنوان ڪهڙو ڏيان

لٽي هن قوم جو ناڻو ڪي لنڊن ڪي دبئي پهتا
پوءِ آدمخور ڪي هاڻي، ڏسيو عنوان ڪهڙو ڏيان

وري دهلن تي دوسو جي نچن ٿا خير ڪهڙو آ
تماشي شور ڪي هاڻي ، ڏسيو عنوان ڪهڙو ڏيان

پنهنجي قسمت تي اج ”لالڻ“ ٻڌو يا ٻار سوچي تو
فڪر ۽ غور ڪي هاڻي ، ڏسيو عنوان ڪهڙو ڏيان



## غزل

اسان جي سنڌ جو هاڻي، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو
سڪل سنڌو ناهي پاڻي ، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو

ڪراچيءَ ۾ به نياڻن جي ڪيئون تذليل روڊن تي
ڏسو رياست ڄاڻي واڻي، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو

ڪچي جيڪو لچي جيڪو گهري جي حق ته ڪافر آ
رهيو راڻو ناهي راڻي، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو

ڪري دانهون وري ٻيهر پيا جهمريون هتي هڻندا
گهٽا دهلن تي دوساڻي ، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو

عقل يا سمجهه ڪونهي ڪا ويا گمراهه ٿي آهيون
وسي گادي تي پيراڻي، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو

سموري سنڌ واڳن جي ڏسئون ٿا وات ۾ قاتل
وئي سورن ۾ ٿي ساڻي ، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو

وڃايو هو جتي ”لالڻ“ ڪري ڳولها اتان لهبو
نہ جي منزل اڃا ماڻي ، خدا ڄاڻي ته ڇا ٿيندو

## غزل

شخص ڪو پنهنجو پاڻ ۾ پاڻ کي ڳولهي ٿو
زندگيءَ جي ڇڪتاڻ ۾ پاڻ کي ڳولهي ٿو

ڪربلا جو قهر نه ڪنهن کان وسريو پر
سنڌ جي رتو ڇاڻ ۾ پاڻ کي ڳولهي ٿو

جنهن کي شينهن درياهه ته چوندا ماڻهو هئا
پيٽ سڪل مهراڻ ۾ پاڻ کي ڳولهي ٿو

هر هر پانهون هار هيون ۽ گرم گڏ ٻوسا
ساهن جي سرهاڻ ۾ پاڻ کي ڳولهي ٿو

ناز ڀيو ڪو ناز نه سهندو باليءَ جو
عشق جي اهڃاڻ ۾ پاڻ کي ڳولهي ٿو

ڪيئن چوان تعريف نه ڪنهن کي وڻندي آ
هر ڪو هت واڪاڻ ۾ پاڻ کي ڳولهي ٿو

لوچڻ واري سوچ اچا ٻه ”لالڻ“ جي
موت حيات جي ڇاڻ ۾ پاڻ کي ڳولهي ٿو

◘



## غزل

برباد حياتي جو ڪوئي ته سبب هوندو
پنهنجن جو ڪرم آ يا ، غيرن جو غضب هوندو

هر روز حسرتن جو سرعام قتل ٿئي ٿو
هر مهل مصيبت ۾، هر پل جو ڪَرَبُ هوندو

انسان ته وحشت ۾ ، حيوان کي ويو ماري
حيرت ۾ ”حوا“ هوندي ، آدم کي عجب هوندو

آزاد فضائن ۾ جيئڻ ساهه ڪٽي جيئون
گهٽجي مرڻ کان آجو ڇا ڀيو ڪو جنب هوندو

اڻجهل اکيون جڏهن کي، اڻکيل سان ٿيون اتڪن
قابو ٿيو قرب ۾ڪو ، ڪنهنجو ته قلب هوندو

روشن ڪرين ٿو جنهن سان مسجد ۽ محل ماڙيون
ڪافر ڪوئين ٿو ان جو ناهيل سو بلب هوندو

ماڻهو مئي ڪانپوءِ ٻه رسمن جو سڏن باغي
اِن کان مٿي ڀيو ڪهڙو ”لالڻ“ جو لقب هوندو

◘

## گيت

غفلت واري ننڊ ۾ چو ستين جاڳ سويل
سورهيہ ماڻهو سنڌ جا! او سنڌي ماڻهو سنڌ جا!
ڏار گذارڻ مان ڇا ورندو مانجهي ڪريون ميل
سورهيہ ماڻهو سنڌ جا! او سنڌي ماڻهو سنڌ جا

لاڙ وچولي اتر وارا ٿر ۾ ڪاڇو سڏجان سارا
گونجي پوندا گهر گهر نعرا آزاديءَ جا هيل
سورهيہ ماڻهو سنڌ جا او سنڌي ماڻهو سنڌ جا

پٽ ڏٽي هو تنهنجو بلاول ، شاهہ عنايت، سامي سچل
گهاٽا ٿاٽا ڪونہ روڪيندا ڪاٽي وڃبا جيل
سورهيہ ماڻهو سنڌ جا او سنڌي ماڻهو سنڌ جا

پنهنجن سان ڇو جهيڙا جهگڙا، ڇوٿو اجاڙين وستيون ويڙها
پنهنجو پاڻ سجاڳ سائين وقت اها ٿي ويل
سورهيہ ماڻهو سنڌ جا او سنڌي ماڻهو سنڌ جا

نفرت جا ڇو ڪنڊا پوکيون، آ تہ امن جا جهنڊا پوکيون
پوکيون پيار منجهان او ”لالڻ“ محبت جا رابيل
سورهيہ ماڻهو سنڌ جا او سنڌي ماڻهو سنڌ جا



## گيت

مند آئي وئي ڪا خبر ئي نہ پئي
سونهن مهمان ٿي، ڪونہ رهندئي وهي

هار سينگار ڪر، پل تون سوَ وار ڪر
ڪيترو پيي ڪٽي پاڻ کي تيار ڪر
ڪونہ ٿيندين اڇو صاف دل تو نہ ڪئي

ڇو رهين ٿو پري، ڪير جيئي مري
دل ٿي توکي گهري ياد دم دم ڪري
آس پوري نہ ٿي، جيڪا دل ۾ رهي

ساهہ سڪرات ۾ ڏينهن ۽ رات ۾
گذري جيڪا گهڙي تنهنجي ئي تات ۾
پيار پنهنجو پڪو سڪ پنهنجي سچي

لوچ ”لالڻ“ سدا سوچ سهٽي هجي
ڏک ملن پوءِ بہ من وڏي دل ڪجي
سڪ خاطر سجڻ سور وڃبا سهي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

## گيت

موتي مند بہ آئي آ تون نہ ورين او سانولڙا
ساوڪ سارو جهر جهنگ ٿيو ڳاڙها پيلا ٿيا گلڙا

پهري چادر ڌرتيءَ آ سرتيءَ سان ملي سرتي آ
پيار جي موسم پرتي آ ، تون بہ ملڻ جي ڪر منڙا

ڌڻ ڌنار اٿارين ٿا شوق منجهان چيڪارين ٿا
پيار مان پاڻي پيارين ٿا، تون بہ سنبت ڪر سانگيئڙا

ڪڪرن جون قطارون ٿيون ، گوڙون ۽ گجگارون ٿيون
مينهن وسيو وسڪارون ٿيون پر جي آيا بادلڙا

”لالڻ“ ڪي آ ياد تنهنجي روز پڪاري دل منهنجي
ڪونہ وڻي ٿي بي ڪنهن جي صحبت سهڻا ساٿيئڙا

■


books.sindhsalamat.com

## گيت

سنڌ سائي رهي سنڌ سائي رهي
موج مهراڻ ۾ شل سدا ئي رهي

پنهنجو ڪشمور ڪيٽي بندر وسي
لاڙ اتر وچولو ۽ ٿر بر وسي
در خدا جي دعا ٿي اها ئي رهي

ساھ سنڌوءَ سان چاھ سنڌوءَ سان
پنهنجو جيئڻ مرڻ ٿاھ سنڌوءَ سان
جيئي سنڌ جي سدا وات وائي رهي

شال جاڳي پون پنهنجي سنڌ جا ڌڻي
نعرو سنڌ جو هڻن ڳاڙها جهنڊا کڻي
اها ”لالڻ“ سيني ۾ سچائي رهي

■


www.sindhsalamat.com

# گيت

سنڌ پئي ٿي سڏي ، سنڌ پئي ٿي سڏي
جيءُ ڪوئي چوي ، ساٿ ڪوئي تہ ڏي

مانگرن بہ مِڙي آهي مارو ڪيو
هو جو قبضي ڪالاچيءَ ڪنارو ڪيو
رهزنن روهِ تر هاڻي سارو ڪيو
دير چاجي پلا وارو وارو ڪيو
مورڙا ٿي اچو ساٿي سارا گڏي

ديس پنهنجي مان اڄ ٿا ڌڪاريا وڃون
رهزنن جي هٿان پيا ٿا ماريا وڃون
ڪنهن بنديءَ تان انگن جيان واريا وڃون
ٿا مصيبت ڏمر مان گذاريا وڃون
وقت ويندو رهيو هت ڏکن ۾ چڙي

سوچ ڪي لوچ ڏئي جوش جاڳي اٿو
سپ شاعر قلمڪار راڳي اٿو
ماڳ پنهنجي جا مالڪ او ماڳي اٿو
سمجهہ سيني ۾ سانڍي تہ ساڳي اٿو
آهي رهڻو نہ ويندا سون ”لالڻ“ لڏي

# گيت

ڪڏهن ايندين منهنجا پرديسي
سڄڻ سائين تو لاءِ سڪان ويٺي
الا سڪان ويٺي ها ها سڪان ويٺي

تنهنجي اچڻ جون اٿم اميدون
آليون اکيون وري در ۾ ديدون
پکين کان بہ تنهنجو پڇان ويٺي

ويٺين وساري اٿئي ميارون
رات ڏينهان تنهنجون تات تنوارون
تو لاءِ خط خون سان لکان ويٺي

توکي وطن تي الله آڻيندو
”لالڻ“ هڪ ڏينهن ميلو ٿيندو
رت جا ڳوڙها مان تہ روئان ويٺي


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

## گيت

منهنجا ماروئڙا مالامال هجن
هيءَ سنڌ سنڌي خو شحال هجن

وسي ٿر بر باغ بهاري ٿئي
خوش هرڪو پورهيت هاري ٿئي
سُکي سنڌ سدائين ساري ٿئي
نہ ڪي ماڻهو بکيا بدحال هجن

سِري، لاڙ وچولي وارا جيئن
ڪچي، ڪاڇي، پڪي سپ سارا جيئن
هي ماڻهو جيءَ جيئارا جيئن
لڄ لوئيءَ جا رکوال هجن

جهڙا پاڻ پيلا تهڙي ٻولي پيلي
پليون عيدون ، ميلا، هولي پيلي
ملي ”لالڻ“ تن کي لولي پيلي
سدا پرتل پاڻ ۾ شال هجن



## گيت

پنهنجو رک دستور سنڀالي مونکي هي دستور نہ گهرجي
سنڌ امن جي ڌرتي آهي جهيڙو فتنو مور نہ گهرجي

ديس بہ ساڳيو ويس بہ ساڳيو دوکو ۾دولاب ڪيو ڪنهن
ٽوپي اجرڪ ڪيس نہ ساڳيو بند امن جو باب ڪيو ڪنهن
ڪير پلاري پونءِ ٿو پيلي ،سانگيئڙن کي سور نہ گهرجي

اڄ جي ترقيءَ عيوض مونکي ماضي ڪو موٽائي ڏيندو
امن جا سفير هليا ويا سانگي ڪو سرچائي ڏيندو
سنڌ جو ڄايو پنهنجي سنڌ ۾ مانيءَ لاءِ مجبور نہ گهرجي

لاڙ اتر ۾ ٿر هي ڪاڇو دشمن جو نہ پوي ڪو پاڇو
ڦهر ٿئي نہ ڪالاچيءَ ۾ بند ٻوريءَ ۾ اچي نہ ڪو لاشو
ماڻهو ماڻهوءَ کي جت ماري اهڙو ڪو منشور نہ گهرجي

پنهنجو پٽائي، سامي ، سچل، شاهہ عنايت جيئي بلاول
نانڪ ، مهدي ، حامي ، روحل ، شيخ اياز ، بخاري ، تاجل
صوفن جي هيءَ ڌرتي ”لالڻ“ هاٺي چڪنا چور نہ گهرجي



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# گيت

ساٿ منهنجو سڄڻ تون بہ ويندين ڇڏي
ايترو مون پرين ڪونہ سوچيو هيو
زهر ماڪيءَ ۾ جاني تون ڏيندين گڏي
ايترو مون پرين ڪونہ سوچيو هيو

وقت ڪان ڪير اڳ ۾ لکي ٿو لهي
پنهنجي ڏن ۾ مگن پيو ٿو هرڪو رهي
پيار وارا ڪڏهن سور ڏيندا سڏي
ايترو مون پرين ڪونہ سوچيو هيو



ننڊ نيڻن مان نرمل وئي آ رُسي
ڏينهن جنهن تو اسان کان خوشي آ کسي
درد دل ۾ ڪي رهندا اوتارا اڏي
ايترو مون پرين ڪونہ سوچيو هيو

ڪر نہ مون سان پلي تو وفائون نہ ڪر
ايترو تو گهران پر جفائون نہ ڪر
گهنڊ منهن ۾ وڌئي آيس تنهنجي تڏي
ايترو مون پرين ڪونہ سوچيو هيو

ياد ماضي ڪري دلڙي تڙپي پئي
جڻ تہ باهہ اندر ۾ ڪا پڙڪي پئي
جيءَ جهوري وڌو هڪ ٺي صدمي وڏي
ايترو مون پرين ڪونہ سوچيو هيو

منهنجي جيئري تو جاني قدر ڪونہ ڪيو
مان مري ويس رنين تون تہ پوءِ ڇا ٿيو
چوندين "لالڻ" ويو ڪيئن دنيا مان لڏي
ايترو مون پرين ڪونہ سوچيو هيو

## گيت

غفلت ۾ نہ گذار سنڌي غفلت ۾ نہ گذار
ٻڏندڙ ٻيڙي پنهنجي هٿن سان،
پار اٿي تون تار سنڌي غفلت ۾ نہ گذار

ڌاريا قابض ٻڄي ويندئي
ڏيان وڏو ڪو ڌار سنڌي
غفلت ۾ نہ گذار

لاڙ وچولو اتر ڪاڇو
ٿر ٻر سارو سار سنڌي
غفلت ۾ نہ گذار

پنهنجي ٻولي لوليءَ تان تون
تن من پنهنجو وار سنڌي
غفلت ۾ نہ گذار

رڪجان سوچ ۾ لوچ هي ”لالڻ“
ڌاڙي ظلم ڪي ڌار سنڌي
غفلت ۾ نہ گذار



books.sindhsalamat.com


## نظم

قوم ناهي ستل قوم بيدار آ
جوان پوڙهو پڪو توڙي جو ٻارآ
سنڌ جيئي سدا سنڌ جيئي چئي
هي ڏسو هو ڏسو سنڌ جاڳي پئي

هن جي ريتن ۽ رسمن کي ڇيڙيو متان
هي ڪٺي ٿا مڙن تن سان جهيڙيو متان
هي تہ موهن ۽ مڪليءَ جا وارث اٿئي
هي نہ ٽڙندا هتان تن کي ٽيڙيو متان
پنهنجي تهذيب تي جان ويندا ڏئي

تو دنيا کي پڙهيو سنڌ کي ڏس پڙهي
هار ڪاڏي انهيءَ جيڪو آيو چڙهي
ديس دودن جو هي ، ويس جوڌن جو هي
هيمو هوشو هتي تن کان لنگهہ جان لڙي
ٽوپي اجرڪ ۽ پٽڪن جي لڄ جن رکي

ديس منهنجي جا مارون پيا هر پل جيئن
منهنجو رهبر پٽائي ۽ سچل جيئن
لولي ”لالڻ“ مٺي ٻولي ”لالڻ“ مٺي
شيخ جيئي بخاري ۽ تاجل جيئن
لاڙ اتر وچولي ۾ هڪ ٿي وئي
هي ڏسو هو ڏسو سنڌ جاڳي پئي



www.sindhsalamat.com

## نظم

جنهن کي تون اسلام چوين ٿو مونکي سو اسلام نہ گهرجي
منهنجو مذهب پيار محبت ، دهشت قتلِ عام نہ گهرجي

جاهل جهنگلي ڪاهل ڪوڙا ، پئسن جو پوڄاري تون آن
دنيا خاطر دين وڪيو تو ، دين ڪندڙ نيلام نہ گهرجي

صدين کان هن ڌرتيءَ کي تو ، رت جو آهي ريج ڏنو
وحشي درندا مظلومن کي نانءُ تنهنجو بد نام نہ گهرجي

پاڻ کي اڄ شداد چوائي ڪوڙي جنت جوڙين ويٺو
تنهنجا هي غلمان نہ گهرجن حورن جو پيغام نہ گهرجي

دين محمد وارو پيارو جنهن ۾ چوڏهن راضي آهن
شيطاني آ شورا تنهنجي ، تنهنجو خيال هي خام نہ گهرجي

نڪري وڃ تون منهنجي سنڌ مان امن جي هيءَ ڌرتي "لالڻ"
پنهنجو عقيدو شاهه جون وايون تنهنجو ڪوبہ ڪلام نہ گهرجي



## نظم

پنهنجي منهن سان سوچان ويٺو
تنهنجي منهنجي منزل ڇا هي
تنهنجو منهنجو مقصد ڇا هي
تنهنجي منهنجي پيار ڪهاڻي
جنهن جي ناهي ڪا ئي پڄاڻي
جنهن ۾ ڪيئي ٺهڪ بہ آهن
جنهن ۾ ڪا پيڙاهہ بہ آهي
جنهن ۾ ڪيئي خواب سمايل
ڇا هي سپنا ساپيان ٿيندا
انساني آزاديءَ وارا
رات سڄي پئي سوچو هو مون
ڪيڏي غلامي گار وڏي آ
پوءِ بہ ٿا ڳل لائن ماڻهو
ڇو نہ ٿا جان ڇڏائن ماڻهو
پنهنجي منهن سان سوچان ويٺو
مون کي غلامي گار لڳي ٿي

## نظم

جيڪي سنڌ کي جند پنهنجي نہ پائن
اهي سمجهو ساٿي اسان مان نہ آهن

روشن ڪراچيءَ ۾ ڪاراڻ ڪئي جن
لهي لال ريتي رتو چاڙ ڪئي جن
قهري قيامت ڪنين ڪاڻ ڪئي جن
سڏڪن سان اکڙين ۾ آلاڻ ڪئي جن
سرِعام جيڪي ٿا گوليون هلائن



ڌرتيءَ جو سينو ٿيو چاڪ آهي
ارادو انهن جو تہ ناپاڪ آهي
هو وحشي درندو ۽ رولاڪ آهي
آدم خور رهزن ٿيو رت پياڪ آهي
قاتل ٿا هاڻي پيا رهبر سڏائن

غدار جو ڪم تہ آهي غداري
ڇڏيندو نہ مڪار پنهنجي مڪاري
او سنڌيو رکو سوچ پنهنجي سگهاري
اُٿي پئو اي سنڌڙيءَ جا مزدور هاري
نہ ٿا ٿج جيجل جي جيڪي ملهائن

صوفين جي سنڌڙي امن واري ڌرتي
مونکي جان کان وڌ آهي پياري ڌرتي
سدا پيار محبت سندي ساري ڌرتي
دنيا ۾ نشانبر آهي نياري ڌرتي
سچو نيهن ناتو نہ ”لالڻ“ جي لائن

## نظم

سنڌو جي سڪي ويو سڪي ساھ ويندو
ڪجي يا خدا پوءِ تہ ويساھ ويندو

سنڌ باب اسلام انسان ٻيي آ
توريت ، زبور ، قرآن ٻيي آ
انجيل ، گيتا تي ايمان ٻيي آ
مڃون ٿا خدا ڏاڍو رحمان ٻيي آ
جي رحمت کان خالي ٿي درياھ ويندو

تنھنجي نعمتن کان انڪار ڪونھي
مگر پاڻي سنڌ ۾ ٿيو وسڪار ڪونھي
تڏھن ٿو چوان تنھنجو سھڪار ڪونھي
ڇيو تو بندو ڪوبہ بيڪار ڪونھي
اھو ٿي بکن ۾ جڏھن پاھ ويندو


books.sindhsalamat.com

ھي معصوم ھٽڙا جو اُپ ڏي ڪڇن ٿا
صفا جھور پوڙھا بہ دعائون گھرن ٿا
ھي مزدور ھاري ڏکن ۾ ڏکن ٿا
تنھنجا دوست توکي گھڻو ياد ڪن ٿا
تنھنجن سان بہ تنھنجو جي چس چاھ ويندو

اسان سنڌ کي جنت برابر ٿا سمجھون
۽ مھراڻ کي آبِ ڪوثر ٿا سمجھون
انھن جي دشمن کي ڪافر ٿا سمجھون
امن ساڻ جيئڻ ئي تہ بھتر ٿا سمجھون
امن جو پکيئڙو ڪائي ٿاھ ويندو

اسان کي ڇڏي تون پنھنجي ذات کي مڃ
ٻڌا يل تون پنھنجي ئي ڪائنات کي مڃ
سج ،چنڊ ،ستارن ۽ ڏينھن رات کي مڃ
صبح جي مٺي مھل پر پاٽ کي مڃ
گنھگار ”لالڻ“ ٿي گمراھ ويندو

◘


www.sindhsalamat.com

## نظم

اجا سنڌ جا سَنڌَ ٿيا ڪونہ ساٽا
وري نيٺ ڄمندا ڪي دودا ڪي راٽا

مڇون ٿا ڪي جعفر چنيسر ٻہ آهن
لالچ تي جيڪي لڄون ٿا لڄائن
ڪرسيءَ لئہ قومي ٿا غيرت ڪپائن
پنهنجي نانءَ پويان ٿا لعنت لڪائن
سڀ ڪجھہ ٿا سمجهون نہ آهيون اياٽا

جي جهيڙيو جهونجهارن پوءِ هاٽي تہ ڏسجو
مڪليءَ کان سن ٿلٿي مياٽي تہ ڏسجو
ٺيندي جهوڪ ۾ هڪ هڪاٽي تہ ڏسجو
هنن جو پگهر رت ۽ پاٽي تہ ڏسجو
نڪي ڏاڍ رهندو نڪي جيل ٽاٽا

پلارن جي پونءِ ۾ پٽائي ڪو ٺيندو
ڪو سرمست ٻڻجي سچل وانگي ايندو
ڪو حامي ٿي سامي بخاري سڏيندو
ڪو سنڌ ڪاڻ سِرُ پنهنجو گهوري ڇڏيندو
نہ ڪٽندا بلاول پلي ٿاهہ گهاٽا

غفلت جي ننڊ مان جڏهن جوان جاڳيا
هي سنڌڙيءَ جا وارث هي سنڌڙيءَ جا پاڳيا
هي هيمو هي هوشو هي سورهيہ ٿي ساڳيا
هي تحريڪ ٻڻجي ولر ٿي جي واڳيا
لهي ويندا ”لالڻ“ ڏجها ڏک پراٽا



## نظم

سڄي سنڌ ٿي وئي پڪارون پڪارون
ڪري ڪاهہ هلجي قطارون قطارون

اٿو سنڌ واسي هيءَ ٻولي بچايو
ملي هنجھہ ۾ جيڪا ، لولي بچايو
جيجل امڙ جي تہ جهولي بچايو
عيدون هي ميلا ۽ هولي بچايو
سِري لاڙ ڪاڇي ٿيون ٿر بر تنوارون



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

هو ڪئنال ڊيمون جو ناهڻ گهرن ٿا
اسان جي سنڌوءَ کي سڪائڻ گهرن ٿا
ڪري بند پاڻي جهڪائڻ گهرن ٿا
هو سنڌڙيءَ جو نقشو مٽائڻ گهرن ٿا
ٻجهن ٿيون ٻرن ٿيون پنهوارن پچارون

جهانگين جا جهوپا ٻه ساڙي ڇڏيائون
پنهنجا گهر الاڙي اجاڙي ڇڏيائون
ناحق ڪيئي مسڪين ماري ڇڏيائون
پيرن ۾ لاشا لتاڙي ڇڏيائون
ڏرتيءَ ڏٺين جون اڇن اوچنگارون

ويا دنگ سيري ٿئي دنگن تي جهيڙو
هو پيلا ڪٽي ويا ٿئي جهنگن تي جهيڙو
ناڻي ۽ پاڻي جي انگن تي جهيڙو
عزتن تي جهيڙو ٿئي ننگن تي جهيڙو
لڏيون ڪنهن نه ”لالڻ“ سنگهارن جون سارون

■


books.sindhsalamat.com

## نظم

اڇو پاڻ مان پاڻ کي پاڻ ڳوليون
کي انساني عظمت جا اهڃاڻ ڳوليون

جنهن کي شير درياءُ چوندا هئا ماڻهو
جنهن کي سنڌ جو ساه چوندا هئا ماڻهو
تاريخ جنهن جي ڏئي ٿي گواهي
نظر تنهن کي ڪنهن جي وئي آهي ڪائي
موجن پري سا ته مهراڻ ڳوليون


www.sindhsalamat.com

بڻيو پنهنجو ماضي ڪتابن جي زينت
ڪيوسون نہ تنهن جو قدر ڪائي قيمت
افسوس سڀ ڪجھ وساري ويناسون
پنهنجو پاڻ جيئري ئي ماري ويٺا سون
جتي هو وڃايو اتي هاڻ ڳوليون

نہ رهبر سڄاتو نہ رهزن سڄاتو
نہ ويري وطن جو نہ دشمن سڃاتو
ايڏي بي حسي پيِ چڱي يار ناهي
سهپ سرت ساڃاهہ رهي يار ناهي
ڪو چارو بقا جو پنهنجي ڪاڻ ڳوليون

نہ ڪي لوڀ لالچ تي وڪائو بڻجون
پنهنجي قومي غيرت جا گهرجائو بڻجون
سچل جي فڪر خيال کي يار سمجهون
سندس عشق اظهار کي يار سمجهون
ڪري لوچ ”لالڻ“ پيا سڪ ساڻ ڳوليون



## نظم

سونهن سلامت سنڌ سلامت
تنهنجي منهنجي جند سلامت

ٿر ڪاڇو ۽ لاڙ سلامت
روهڙي ، نارو ، گهاڙ سلامت
ڪارو ڏيمر نہ تنهنجو گهرجي
ساوڻ سنڌوءَ چاڙهہ سلامت
ٻئراجون ۽ بندُ سلامت
تنهنجي منهنجي جند سلامت

سوزَ سلامت سازَ سلامت
سيئي ٻاليون نازَ سلامت
پيار محبت عشق سدائين
دل جون ڳالهيون رازَ سلامت
هر پاسو هر هنڌ سلامت
تنهنجي منهنجي جند سلامت

عيدون ، ميلا ، هولي سلامت
ٻولي ، جهولي ، لولي سلامت
ٻار ٻيڙا جوان جيئڻ شل
چاڪ نہ ٿئي هيءَ چولي سلامت

راهه سڏي ۽ رَندُ سلامت
تنهنجي منهنجي جند سلامت

شهر سمورا ڳوٺ سلامت
گهر گهر لاڏا گهوٽ سلامت
پيلاڙا ۽ پيل نه سهبي
لوڙها پيهر ڪوٽ سلامت
رهي پنهنجو پيوندُ سلامت
تنهنجي منهنجي جند سلامت

ڪينجهر منڇر ماڳ سلامت
پنهنجون پلايون پاڳ سلامت
جيڪي سنڌ جي شان ۾ ڳايا
گيت سمورا راڳ سلامت
خوشيون ۽ آنندُ سلامت
تنهجي منهنجي جند سلامت

مارون منڙا مورَ سلامت
صدقي صدقي گهور سلامت
دودي ڏاهر جهڙا جوڌا
شهزادا شهزور سلامت
سنڌڙيءَ جو سوڳندُ سلامت
تنهنجي منهنجي جند سلامت



موهن مڪلي ماڻ سلامت
پاڳيا تنهنجا پاڻ سلامت
سارو سنڌو آبِ حيات
موج پريو مهراڻ سلامت
پيار وران جو پنڌ سلامت
تنهنجي منهنجي جند سلامت

سامي سچل شاهه سلامت
ساريءَ سنڌ جو ساه سلامت
حق حقيقي جن جي وائي
سهڻو سڏو راه سلامت
تار دنبورا تندُ سلامت
تنهنجي منهنجي جند سلامت

جنهن ڪي دل ۾ درد سلامت
سونهين مانجهي مرد سلامت
قوم لاءِ جيڪو جيئندو مرندو
اهڙو ”لالڻ“ فرد سلامت
ديس جو غيرتمند سلامت
تنهنجي منهنجي جند سلامت

## نظم
# شهيد بشير خان جي نالي

جستجو هئي لاجواب اي شهيد انقلاب
عشق تنهنجو بي حساب اي شهيد انقلاب

ها وڏو هوندي بہ تو ۾ ڪا وڏائي ڪانہ هئي
نياز نوڙت تنهنجو شيوو ڪنهن سان بيائي ڪا نہ هئي
سنڌ جي پوڄا ڪي تو سمجهو اُتم ۽ اعليٰ ثواب
اي شهيد انقلاب اي شهيد انقلاب

موت ڪي ڏئي مات تو آ زندگي نئين سر وتي
سنڌ لاءِ جن سر هو گهوريو سرس تنهنجي آ پتي
ديش جي تاريخ ۾ تنهنجو نرالو آهي باب
اي شهيد انقلاب اي شهيد انقلاب

ڪونہ وسري يار سگهندين سار تنهنجي ساهہ ۾
قافلو پنهنجو روانو آ اڄ بہ حق جي راهہ ۾
نيٺ اڀري پوندو ”لالڻ“ آزاديءَ جو آفتاب
اي شهيد انقلاب اي شهيد انقلاب



## نظم

لال جي نگري لال ڪري ويا
سوڳ ۾ سنڌ بي حال ڪري ويا

دين جي دعويدارن ڪيڏا
گهر گهر پئيتال ڪري ويا

نفرت جا هي سوداگر سي
محبت جو هت ڪال ڪري ويا

پيار امن جي ڌرتي تي اڄ
سک سڄو پئمال ڪري ويا

صديون اڳ نہ ائين ٿيو هو
قائم سوئي مثال ڪري ويا

لکي ”لالڻ“ وار ڪيو تن
جيئڻ جو جنجال ڪري ويا

## نظم

مون پڇو آهي خدا جو گھر ڪٿي
هن هُن چيو مسجد خدا جو گھر اٿئي
وچ سگھو ٿورو اڳيان در اٿئي
شهر هر هڪ خدا جي گھر ويس
عاجزيءَ سان مان خدا جي در ويس
گھر ۾ ويٺل هر ملان مونکي چيو
هي خدا جو گھر نہ منهنجي فرقي جي ملڪيت اٿئي
هي خدا جو گھر نہ منهنجي فرقي جي ملڪيت اٿئي


books.sindhsalamat.com

## نظم

سنڌ بچايو جان ڇڏايو
نولي ڍهلي گولي مان
نڳن جي هن ٽولي مان
ديسي داداگيرن مان
ديس دروهي پيرن مان
جن آ سنڌ جي پينگ ڪٽي
ووٽن ويلي هينگ ڪٽي
جاڳ سنڌي ڇڏ ننڊ گھٽي
هاٽي ور ڌرتيءَ جا ڌٽي
تنهنجي پيرن هيٺان پيارا
ڌرتي ساري کسڪي ويندي


www.sindhsalamat.com

توکي ڪا شيءِ راس نہ ايندي
آئيندو اونداهو ٿيندئي
توڪان پوٽيون پوٽا پڇندا
سوالن جا جواب تہ گهرندا
تن کي ڪهڙي ورندي ڏيندين
پير نہ کڄندئي ، جسم ڏڪندئي
تنهنجي اکين جا ڳوڙها سارا
پيٽين پاسي سڪي ويندئي
غافل ٿي تہ گذارين چو تو
ڪهڙي توکي مام آ ماريو
ڪهڙي توکي لالچ ڪاريو
رحم ڪرين رحمان بہ تون آن
پرم رکين پڳوان بہ تون آن
ماڻهو يار مهان بہ تون آن
دردن جو درمان بہ تون آن
ظالم هي زردار نہ تنهنجا
پير وڏا سردار نہ تنهنجا
پهنجي هاريو پاڻ سنواريو
وک وڌايو ، جان چڙايو
سنڌ بچايو سنڌ بچايو سنڌ بچايو



## نظم

قوم جو هوندوهڪ ئي نعرو سنڌ ۾ ڌاريا نامنظور
ديس ڏٽي ڪر وارو وارو سنڌ ۾ ڌاريا نامنظور

عرب هجي يا ايراني ڪو بنگالي يا افغاني ڪو
برمي بڻجي ويندا بارو سنڌ ۾ ڌاريا نامنظور

آيا تڙجي ڏيهہ ڌڪاريا،جن هٿ منهنجا مارون ماريا
ڪونہ کپي ڪو اڇو ڪارو سنڌ ۾ ڌاريا نامنظور

غدارن بہ ڪونہ گهٽايو پنهنجو جن ضمير کپايو
ڌاڙن کي ڏيٺو آ ڌارو سنڌ ۾ ڌاريا نامنظور

سنڌي جاڳو سنڌ بچايو گهر گهر هي پيغام پڄايو
”لالڻ“ ساٿ سنپاريو سارو سنڌ ۾ ڌاريا نامنظور

## نظم

چڙايون جند جهالت مان ، ٻڌايون پاڻ کي عاقل
متان دنيا ڏئي تعنا سنڌي ٿي قوم وئي جاهل

نقل ناسور بڻجي ويو عقل کان ڪم وٺو يارو
پني ڏئي ڪوڙ کي هاڻي ٿيون سچ ڏي سيئي مائل

صداقت سرت ساڃهہ ۽ سجاڳيءَ جي ضرورت آ
دنيا جي تيز ترقي سان هلڻ جي من رهون قابل

وڏي رفتار سان ساٿي ڦري ٿو وقت جو چرخو
اسان کي بہ آهي ڪرڻو گهڻو ڪجهہ وقت مان حاصل

علم سان گڏ هنر سارو سيکاريو نوجوانن کي
تڏهن ڪو مرتبو ملندو دنيا داريءَ ۾ ٿي داخل

اسان موهن جا وارث ۽ اسان جو ناز مڪليءَ تي
لڄايون ڇو پيا ”لالڻ“ پنهنجي تاريخ ٿي غافل

## ڪافي

منهنجي روئڻ تي ڪل ٿهڪ ڏئي
رب بخشي ڏيي توکي تنهنجي وهي

منهنجو تو نہ سڃاتو پيار پرين
نڪا سوچ ڪيئي ويچار پرين
ڪندو روز رهين تڪرار پرين
تنهنجي قربن تي جس جاني هجئي

مون تي ڪونہ پرين تو قياس ڪيو
منهنجي حال تي تونہ احساس ڪيو
توکي عرض اهو هو مون خاص ڪيو
متان ساٿ ڇني پوءِ جي پارت ٿئي

احساس ڪري اڳ ايندو هئين
مهمان منهنجو من ٿيندو هئين
لاهي سڪ ”لالڻ“ جي تون ويندو هئين
اڄ ڇا لئہ وڏي ٿي يار وٿي


books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

## ڪافي

سڄڻ سوييڊيري وري واڳ واريو
ڇڏي دوري دلبر ؛اچي گڏ گذاريو

پنهنجن کي پيارا وسارڻ نه گهرجي
گهٽو ڏار تن کان گهارڻ نه گهرجي
ڪنهن مهل مرڪي اسان ڏانهن نهاريو

اوهان جي اچڻ سان وري عيد ايندي
پوري آس منهنجي ۽ اميد ٿيندي
وري سات سهٽا سڄڻ جي سنڀاريو

گهمڻ اڄ اچو ڪو ٻٽائي ٻهانو
غريباڻو آ هي منهنجو آستانو
جڏي جيءَ منهنجي کي جاني جٺاريو

لهو سار "لالڻ" جي ٿيا سال آهن
ٻڏو ۽ ٻڏايو ڪهڙا حل آهن
پيو ڪير ساري اوهان به نه ساريو



## ڪافي

پيا اپري اندر ۾ وري سور سارا
جڏهن ياد آيا پرين پيار وارا

ڪيون ڪيڏيون منٿون نه محبن مڃي ڪا
تڏهن دل تي ٿي قارون ٿي قارون پئي آ
ڪري ويا هو ويتر اسان کان ڪنارا

مون جن کي سدائين سهارو پئي سمجهو
پيارن کان وڌ هو پيارو پئي سمجهو
اهو ئي ڪسي ويا سمورا سهارا

ڪڏهن ڪِل خوشيءَ ۾ اسان سان گذاريئون
ڪٽي پاٽي پنهنجي ئي هٿڙن سان پياريئون
مگر اڄ پلائي هو ويٺا پلارا

دلبر سواءِ دل ته ماندي رهي ٿي
سيني ۾ سندن سڪ هيڪاندي رهي ٿي
اچي اوچتو ويا ڪي من تي مونجهارا

لهن ڪين "لالڻ" ٿا دل تان اسان جي
وسارڻ جي ڪيڏي به ڪوشش ڪيان جي
گڏجي ڪيا ها جن سان گذارا

## ڪافي

مون کان وئين تون رسي بي جرم بي خطا
ٿورو سوچين تہ هان دل گهريا دلربا

ساٿ پنهنجو پرين ڪيئن ٽوڙي ڇڏيئي
پاڻ پيارا پلي منهنڙو موڙي ڇڏيئي
آهين ڪنهن کان سکيو ڏس تون اهڙي ادا

تو سواءِ زندگي بس زهر ٿي لڳي
ڪيئن جيئان هر گهڙي ڪا قهر ٿي لڳي
ٿي ڏکيو پيو سفر تو بنا او منا

چاهہ تنهنجي ڪيي ساهہ کي او پرين
پيو نہ ڪوئي سهارو سجهي ٿو پرين
اوچتو اوچتو ٿي وئين چو جدا

آءُ موٽي وري ماڳ مرڪي پون
سور سارا وڃن ڳٽتيون ڳارا وڃن
مون سان ”لالڻ“ چو ليڪا ڪرين ٿو پلا


books.sindhsalamat.com

## ڪافي

چوين ٿي تہ توکي ڇڏيان مان وساري
انهيءَ کان تہ پهريان وجي موت ماري

پاڻيءَ کان ٻاهر مڇي جي رهي ٿي
چوڻ ڳالهہ اهڙي پوءِ توکي ٺهي ٿي
جيئڻ ڪهڙو ٿيندو سواءِ تو سهاري

تو کان ڌار دلبر حياتي ڏکي آ
متان سمجهين سهٽا تہ زندگي سکي آ
بنا تنهنجي پورل نہ سگهبو گذاري

ڪندس بار هلڪو ڪنهن سان سور اوري
جدائيءَ جو صدمو پيو جيءُ جهوري
جي ويندين اسان جون خوشيون سڀ ٻهاري

سچي سڪ بہ تو سان ۽ چاهت بہ توسان
هر حال توسان حقيقت بہ تو سان
لڳي ڪيئن ”لالڻ“ پلا ٻئي جي لاري.


www.sindhsalamat.com

## ڪافي

ڪري قرب جاني تون جلدي هلي آ
اجان تانگهه تو ڏانهن نہ پيارا پلي آ

ڪري هار ٻاهون ڪندس تنهنجي آجيان
ملڻ جي مٿي مند ڀورل ڀلي آ

وڇوڙي جو صدمو سهڻ ناهي سولو
ڪڏهن ڳالهہ اهڙي تو دل ۾ ٿلي آ

مٺا مون نہ وانجهي ڪا دل جي حقيقت
سچي ڳالهہ ساري اوهان سان سلي آ

منهنجي دانهن دل جي نہ تو تائين پهتي
ڪري رنڌ رستي ۾ سا ڪنهن جهلي آ

نماڻي نظر تي ڪا پنهنجي نظر ڪر
ڪليل مون رکي تو لاءِ دل جي ڳلي آ

وسارڻ سان"لالڻ" ڪان وسري نہ سگهندي
تنهنجي ياد سان ٿي پئي دل دادلي آ

□



## ڪافي

ويهہ سڪ لاهيان اجان مان ترس تون تياري نہ ڪر
مس مٿي آ مُحب محفل تون وڃڻ واري نہ ڪر

زندگيءَ تي ڪهڙو باور پوءِ ملڻ ٻيي ٿئي نہ ٿئي
ڇڏ وڃڻ جي وات وائي سُڃ بزم ساري نہ ڪر

هي خوشين جا ڏينهن قسمت سان ايندا آهن پرين
پيو سڄو ماحول مَهڪي عشق ۾ گهاري نہ ڪر

قرب ۾ ليڪا تہ " لالڻ" ڪين ڪي آهن ڪبا
منٿ مڃ منهنجي ڏڪارو يار هيڪاري نہ ڪر

□



books.sindhsalamat.com
www.sindhsalamat.com

# چوسٽا

پٽيون در دريون ۽ تالا مٽياسي
پنهنجي گفتگو ۽ حوالا مٽيا سي
آچر مان اڪرم ۽ سومر مان صادق
دولت جو آئي ته نالا مٽياسي

***

ڪڏهن ڪانچ مان پي ڪچو ٿي وڃي ٿو
مٿو مند ڦرڻ سان اڇو ٿي وڃي ٿو
سيئي چرس ڀنگ جا نه ماڻهو موالي
ڪنهن کي زور زر تي نشو ٿي وڃي ٿو

***

ڪاٿي دنگ ۽ ڏڳ تي جهيڙو
ڪاٿي چوريءَ ۽ سڱ تي جهيڙو
پاڻ سمورا پڌرا ٿي پيا
پيرن جو آ پڳ تي جهيڙو

***

هر طرف ساراهه داداگير جي
بي شرم پوتار ٺوڳي پير جي
ذهن زنگجي ويا زبانون روڳجي
ٿي انتها تحرير جي تقرير جي

***



books.sindhsalamat.com


ڏسو ڪري هو ڏانڊلي شديد ڪلي ٿي
غدار سنڌي قوم جو جديد ڪلي ٿو
مڪارجي مڪاري اجا ختم ڪونه ٿي
حسيني قافلو لٽي يزيد ڪلي ٿو

***

ڪاڇو ڪوهستان ٻڏو
هر ماڻهو جو ارمان ٻڏو
ڪنهن به واهر ڪانه ڪئي
ڪامورن جو آ ايمان ٻڏو

***

هيءَ عيد لڙهي وئي لڙڪن ۾
ساروٽين ۽ سڏڪن ۾
ٿڪ خوشيون نه ياد رهيون
آ سنڌ سموري سورن ۾

***

هت ”رواڻ“ دهل وڄائي ٿو
۽ راڳ ”رنجيت“ پيو ڳائي ٿو
اڄ ڪاري ”ڊيم“ جي ڳالهه ڪري
وري لوڙ لڳن تي لائي ٿو

***



www.sindhsalamat.com

لاڙ وچولي اتر ۾
ٻوڏ جون ڳالهيون گهر گهر ۾
عيدون ميلا وسري ويا
هر روز ٿو گذري محشر ۾

***

شوخ نظرن سان نهاريندي نہ ڪر
ايتري ڪاوڙ بہ ڏاريندي نہ ڪر
ٽهڪ ڏئي مونکي ڪلائي پوءِ پلا
ڏئي گهٽي ڳٽتي تون ڳاريندي نہ ڪر

***

سادگيءَ ۾ مون گذارڻ آ سکيو سهڻا صنم
تون پلي ڪر ناز پرور ناز ٿو توکي ٺهي
ڪير ٿو ريسون ڪري ۽ ڪنهن ڪئي آ همسري
لوڏ تنهنجي منهنجا ”لالڻ“ سچ آ ٿي لک لهي

***

تون سراپا سون آهين سونهن واري ڇوڪري
تون مٺي ماڪيءَ ڪان وڌ او ڪير جهڙي ڇوڪري
ڪونہ ٿي توکي ٺهي ڪاوڙ غضو تون ڇڏ ڪٽي
تون صبح جي پهر واري هير جهڙي ڇوڪري

***


books.sindhsalamat.com

اسان ڳالهہ سنڌ جي ڪيون ٿا تہ ڪافر
اوهان سنڌ پيلي ٿا مومن سڏايو
اسان ڏس ڏنو هو دنيا کي امن جو
اوهان جڙ اکيلي ٿا مومن سڏايو

***

هيءَ سنڌ حڪومت ٻوڙي آ
تاريخ غضب جي جوڙي آ
هن ڳوناٽي جي ڳالهہ ٻڌو
هٽ بند پڳو ڪيئن توڙي آ

***

ثقافت جا سڀ رنگ نرالا نہ ڇڏبا
همرچا ۽ جهمريون جمالا نہ ڇڏبا
هيمو يا هوشو دودو يا ڏاهر
رکبا پٽن تي نالا نہ ڇڏبا

***

توبن ڪهڙي عيد اسان جي
در ۾ اٽڪيل ديد اسان جي
توسان دل جون ڳالهيون دلبر
ٻئي ۾ ناهي اميد اسان جي

***


www.sindhsalamat.com

مون پئي چيو اسان وٽ سڀ ڪان پيري مٽي آ
پوتارڪي ڪان اڄ بہ شايد ميري مٽي آ
حافظ چيو او ”لالڻ“ ڀائو اڃا ڀُليو آن
هي دور آ دجالي چمچاگيري مٽي آ

***

وقت جي زردار ڪان نہ ڪنهن پڇو
ڇا هو هتي جنتون ناهي نہ ٿو
ڪيترا شداد پيدا ٿي پيا
نانگ تن ڪي ڪو اڃا ڪائي نہ ٿو

***

سرِ بازار ائين نہ سستو سامان ٿو وڪامي
لالچ ۾ جيئڻ اسان وٽ انسان ٿو وڪامي
دربار يزيديءَ ۾ سڀ سر نوائي بيٺا
افسوس ڪيئن بندن جو ايمان ٿو وڪامي

***

جهڙو بہ حال آهي تنهنجو ئي خيال آهي
هڪ ڏينهن جو وڇوڙو مون لاءِ سال آهي
ٻاهر ڪلڻ خوشي آ اندر ۾ مچ مچن ٿا
بلڪل وساري ڇڏيو تو بحرحال آهي

***


books.sindhsalamat.com

الله جي جهان ڪي سينگاري مزدور ٿو
پوءِ بہ خوشين ڪان الائي ڇو رهي هو ڏور ٿو
وقت هن سان ڪا وفائي ڪانہ ڪئي افسوس آ
حالتن سان جهيڙي جهيڙي ٿيندو وڃي هو جهور ٿو

***

مجون ٿا خدا آ بڻايو دنيا ڪي
خالق جو مخلوق سان پيار بيشڪ
مزدور هاري جي محنت سان آهي
ڪائنات قائم ۽ سنسار بيشڪ

***

بنگلا ڪشادا ڪروڙن جون گاڏيون
مريدن ڪي واعظ ڪندي هيئن چيائين
سنت آ گذارڻ صفا سادگيءَ ۾
ٻڌائي غريبن ڪي روئي ڏنائين

***

قوم جو آئيندو گهري ننڊ ۾
بيوسي منشور ٿيندي ٿي وڃي
زرد سياست جو اثر آ عام ٿي
سا بہ اڄ ناسور ٿيندي ٿي وڃي

***


www.sindhsalamat.com

محل ماڙيون گاڏيون ملڪيت عيش عشرت جاءِ بجاءِ
ٿي گهٽي مشهور مرشد جي ڪرامت جاءِ بجاءِ
ڪونہ بدليو هُن جو مقدر ڏن پريندي سال ٿيا
اڄ بہ روئي ٿي مريدن جي پيئي قسمت جاءِ بجاءِ

***

ڪرپشن جي ور چڙهن ٿيون رونقون
بس جمهوريت جهور ٿيندي ٿي وڃي
زور آ زردار جو زر گڏ ڪجي
سنڌڙي ڪافور ٿيندي ٿي وڃي

***

جيتري مشهور ٿيندي ٿي وڃي
ايتري مغرور ٿيندي ٿي وڃي
گڏ گذارڻ جا ڪيائين واعدا
چو الائي ڏور ٿيندي ٿي وڃي

***

زندگي ۾ ڪجهه ڪري جيئو دوستو
بين لاءِ ٿو جيئڻ پري ڏيئو دوستو
ڪير ڪنهن جو ڪونہ ٿئي ٿو خير آ
پر پاڻ سيني جا تہ ٿيو دوستو

***



جي ٿا منهنجي سنڌ تنهنجا راڄ سڀ جاڳي پون
ڏس تہ پنهنجا ڪيئن پوءِ ٿا پاڳ سڀ جاڳي پون
ٿر ، سرو ۽ لاڙ ڪاڇو هيءُ وچولو هڪ هجن
هن پلاري پونءِ جا من ماڳ سڀ جاڳي پون

***

ڪيتريون ئي ڪربلائون سنڌ آهن تو ڏٺيون
هي ذڪر آهي ڏکيو پر پوءِ بہ تو دم دم ڪجي
ڪيترا مرثيا لکيا مون قوم هن مظلوم جا
ڪو انقلاب آڻجي بس ڪيترو ماتم ڪجي

***

سچا ڪهڙي سنڌ جي خدمت ڪندين تون
اسان هوندي اهڙي چا؟ جرئت ڪندين تون
مئا ڪانءُ ناهن جو لولو ڪندو حج
پيرن جي جيئري چو؟ سياست ڪندين تون

***

پوتارن جي ويساهہ گهاتي ڪيستائين
هٿ ۾ قرآن ڪڇ ۾ ڪاتي ڪيستائين
پنهنجي قسمت پاڻ سنواريو وقت چيو
سورن ۾ هر سنڌ جو پاتي ڪيستائين

***

سڀ قدر ۽ عزتون پئمال ٿيون
غيرتون نيلام اي ٿي ايم تي
مرد گهر ويهي پٽاڪون ٿا هڻن
عورتون اڄ عام اي ٿي ايم تي

***

هر پاسي کان شور شرارت، هر پاسي کان حوالا آهن
منهنجي سنڌڙي منهنجي جيجل،تنهنجا دور نرالا آهن
تنهنجا پاڳيا ڪينڪي جاڳيا،چوءِ پاسي کان گهيرو آهي
ڪنهنجي وات ۾ منگ پيل ۽ ڪنهن جي زبان کي تالا آهن

***

سندر سياڻي او سنڌ راڻي ڪارو تلڪ لڳائي گهمر تون
يا ڪو درويشن جو سڳڙو پنهنجي ڳچي ۾ پائي گهمر تون
ڏيهه جا ڏائڻ ميري اک سان تنهنجي سونهن تڪيندا آهن
بدنظرن جي نظرن کان اڄ پنهنجو پاڻ بچائي گهمر تون

***

ڦڙيءَ ڦڙيءَ تلاءُ ٿيندو آ
ماسا ملندا ته پاءُ ٿيندو آ
ويچا يار وڏايو چو ٿا
پاءُ ته آخر پاءُ ٿيندو آ

***



پيار پراڻو ٿيندو ناهي
هرڪو سياڻو ٿيندو ناهي
ڪير چوي ٿو معشوقن کي
ڪوئي ماڻو ٿيندو ناهي

***

ڌرتيءَ جو تو درد نہ ڄاتو،
دردن جو درمان ٿو گهرجي
سنڌڙيءَ جا البيلا شاعر،
هاڻي ڪو اعلان ٿو گهرجي

***

ڪاڇو هو تڙ ۽ پڪو ٻہ واهہ واهہ،
ڪچي جو منظر حسين آهي
پلي ڪو منڪر مڃي نہ يارو،
سنڌ جي تہ سهڻي زمين آهي

***

چنڊ ستارا شاهد آهن
ماڻهو سارا شاهد آهن
تولاءِ ايندو آهيان جاني
رستا چارا شاهد آهن

***

ووٽ هاڻي نوٽ جو محتاج آ
انصاف ڪاري ڪوٽ جو محتاج آ
ذرد سياست بس مڪاري ڪوڙ آ
سچ بہ ڪنهن اوٽ جو محتاج آ

***

نہ مسجد مان هوڪا، نہ هڪ ٻئي ڪي فونون
منهنجي ٺئي ويڙهي جو ، هي منظر آ تازو
صفا مختصر ڪي ، ڪلهي ڪانڌي ڪٺ سان
ڪو غربت تي روئندو ويو مفلس جنازو

***

اڄ دلربا جي دلبري پياري لڳي
ڳالهہ سا سهڻي صفا ساري لڳي
مهڪي پئي محفل پرين پهتو اچي
جڻ تہ هولي عيد ڪا ڏياري لڳي

***

سڏ واڪو هل هنگامو روج نہ راڙو هيو
محلو بہ خاموش سارو بي خبر پاڙو هيو
اڄ مري ماڻهو وڏو ناهي ويو ڪو دوستو
گهر غريب جي رات لڳو موت جو ڏاڙو هيو

***


books.sindhsalamat.com

اسان جي سنڌ جا ويري، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن ڪهڙا
بيٺا پاڳين سان ٽي پيري، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن ڪهڙا
عرب ايران ڪان آيا ڪي اتر ڪان ڪي اوير ڪان
ويٺا ٿا ڪن تيري ميري، ڪڏهن کهڙا ڪڏهن ڪهڙا

***

ڪيڏو من سور ٿيندو آ ، وڇوڙن ڪي پوءِ چا چئجي
وسن ٿيون مينهن جيان اکيون تہ ڳوڙهن ڪي پوءِ چا چئجي
سڪي ٿي ماءُ جي ممتا، رلي ٿو پيءُ جو پٽڪو
گهران نڪري وڃن جيڪي، تہ جوڙن ڪي پوءِ چا چئجي

***

ڪبوتر مور ڪوئل ۽ تتر ٻولن ٿا ٻاجهارو
ڳجهن چهرن ۽ ڪانون جي پرک آواز مان ٿئي ٿي
ڪڏي جي ڪرت ساڳي آ گندي عادت صفا ظاهر
روش ۽ گفتگو ٻوليءَ سندس انداز مان ٿئي ٿي

***

نڪي ذردار تون رهندين، نہ ڪائي ذر تنهنجي رهندي
نڪي پرڪار هي تنهنجا نڪائي پر تنهنجي رهندي
ڪڏهن استاد مارين ٿو ، ڪڏهن آبادگارن کي
ٻڌي چڏ وقت جا حاڪم نڪا ٽرٽر تنهنجي رهندي

***


www.sindhsalamat.com

ڪري هريڙ هڪڙي هٿ پنساري ٿي ويا آهيون
خبر ڪائي نہ لفظن جي لڪاري ٿي ويا آهيون
گهٹايو ڪينڪي آهي سدائين چاپلوسيءَ ۾
اسان سرڪار جا ڳيجهو درٻاري ٿي ويا آهيون

❊❊❊

ڳُٺيئون آباد گارن کي ڪراچيءَ ۾ ڳولهي ڳولهي
ڪڏهن استاد اذيت ۾ چڏيائون سنڌ کي رولي
سموري قوم جي اتحاد سان انصاف ممڪن آ
بخشو ڪين ڪنهن کي نہ انهي ذردار جي ٿولي

❊❊❊

ڪمند کي باهہ ناهي هيءَ گهٹا ان ۾ اڙي ويندا
ٻڏي چڏ ملن لا مالڪ تنهنجا گهر بہ سڙي ويندا
جڏهن جاڳيا هتي پاڳيا سموري سنڌ جا وارث
نڪي محلات ڪا رهندئي پٿر ٿي دنگ دڙي ويندا

❊❊❊

نہ ڪر پير مون سان ڪرامت جون ڳالهيون
منهنجي سنڌ جو نوجوان پيو پڙهي آ
تنهنجي چند مڪر ڪان سمجهان ٿو هاٹي
حقيقت سندو سج مٿي ويو چڙهي آ

❊❊❊


books.sindhsalamat.com

خوبصورت خيال ڪٹي اچجان
عشق جا احوال ڪٹي اچجان
ڪوشش ڪندس جواب ڏيڻ جي
سنڌ بابت سوال ڪٹي اچجان

❊❊❊

پاڻ جهڙن سان پريت ۽ پيار ڪر
دوستي مغرور سان رکندو نہ ڪر
درد وارن سان ڪو دل جو سور سل
بي نور جي ويهي اڳيان روئندو نہ ڪر

❊❊❊

غير سان پنهنجو نہ ڪوئي واسطو
دوستن جي دلربائي ٿي کپي
ڪوڙ جا انبار سر تي ڪيئن ڪٹان
ٿورڙي پر ڪا سچائي ٿي کپي

❊❊❊

مذدور هاري روز آهن ويل ۾ پر
پنهنجي دوستن جو خدا يا خيال ڪر
ذردار جا ڏس تون ، ڪتا بہ عيش ۾
ها ، پيٽ بکين کي بہ مالامال ڪر

❊❊❊


www.sindhsalamat.com

کونہ ٿيو محسوس ڪمرو اسپتال جو
مچ ڪچهريءَ جا ڪي رنگ نکري پيا
ٿهڪ ياڪر دوستن جي سار سان
درد پيڙاھہ سور سڀ وسري ويا

***

ڪنهن جي نہ ڪنهن جي اثر ۾ رهون ٿا
پسند نا پسند جي چڪر ۾ رهون ٿا
ڳوليهيون شاعريءَ ۾ پيا ٿا گرامر
اسان خود وزن نہ بحر ۾ رهون ٿا

***

پاڻ کي هيٺو سمجهي ساٿي
ڏاڍن کان گهبرائين ڇو ٿو
ڪاغذ جا هي شينهن سمورا
اڳتي وڌ لهرائين ڇو ٿو.

***

سيئي سيبتايون اوهان وٽ تہ آهن
اسان ڪونہ ڄاتي سي ڏاهپ جي ٻولي
رهيو سور سنڌ جو سيني ۾ سمايل
ڏني ماءُ اهڙي ڪا "لالڻ" کي لولي

***


books.sindhsalamat.com

وڪوڙي وڻ ويڙي جيان وئي ڪرپشن جي وبا آهي
نہ جنهن لاءِ ڪا دعا آهي نہ جنهن جي ڪا دوا آهي
عقيدت جي پنيان ٻوڙي سدائين مار کائون ٿا
رڳو ناسمجهداريءَ جي ملي سنڌ کي سزا آهي

***

تبليغ اها جنهن مان نفرت جي ڏپ اڇي ٿي
سمجهان ٿو سنڌ جي لاءِ آذار ٿي نہ ڪو پئي
مندر جي مورتيءَ مان تہ ڪو بہ خطرو ناهي
تنهنجي عقيدي جو بت بمبار ٿي نہ ڪو پئي

***

نانگ وڇون يا ڪڏهن ڪو ڏنگ ڏينيو ٿو هٽي
پائي جو چوريءَ ڪتي جو چڪ ماري ٿو وجهي
گهاءُ ڪو دشمن رسائي گهاءَ تنهن جو خير آ
دوستيءَ ۾ دوستن جو ڏڪ ماري ٿو وجهي

***

پيٽ بکيا هٿ ٻار سمهن ٿا بيشڪ تنهنجو دور ڏٺوسين
غربت جا راڪاس گهمن ٿا بيشڪ تنهنجو دور ڏٺوسين
ڏاها ماٺهو جاڳن پيا هي سور پسي تہ ستا ناهن
چمچا تنهنجا پير چمن ٿا بيشڪ تهنجو دور ڏٺوسين

***


www.sindhsalamat.com

چياٺونس گمبٽ ۾ بيمار پيو ٿي، ٻڌي ڳالهہ ٿهڪن ۾ تاري چڙهيائين
رفيقن جو اهڙو رويو ٿي ويو آ. سچ پچ تہ مونکي بہ روئاري ڇڏيائين
هڪ سچ بہ پاچا بہ چوٽي ٻڌي آ اها منهنجي مقدر سان لاڳو رهي آ
اجا ساهہ آهي اجان چاهہ آهي لاهي دل تان "لالڻ" کي ماري ڇڏيائين

***

افطار تي امير سيئي سيٺ سڏايا، ڪجھ روزا رکي پاڻ کي بہ پاڪ ڪيائين
عمر ڀر جون بکون ڪاٽي وقت گذاري، مسڪين پنهنجي ڪاتي ۾ ثواب ڳولهي ٿو
رسمن جي ور چڙهي ويو دين بہ داتا ،اڄ بک جو ڪنهن کي احساس ڪونہ ٿيو
ڪيترا رمضان آيا سال صديون ٿيا ، خالق تنهنجي خلق کي رواج رولي ٿو

***

جستجو جاکوڙ کي جاري رکي ، ڳٽ غلاميءَ جو ڳچيءَ مان لاهجي
گمراهہ ٿي واٽون وڃايل سپ چڙي، راهہ پنهنجي پاڻ ڪائي ناهجي
مايوس ٿي ويهي رهڻ ناهي چڱو، نئين نسل کي همٿون ڏيو حوصلا
سور سنڌ جا ويا وڌي آهن گهڻا ، قوم ساريءَ کي وجي جاڳائجي

***

دوڪانداري ٿيون درگاهون،ڪرامت ڪوڙ نڳي آ
ڪمائن ڪونہ پنن ٿا آ ڪيڏي پيرن کي مڳي آ
القاسب حبيب الله جو مقصد ڪو نہ سمجهائون
حديثن جي ڏسو سائين ، هنن ڪئي پاڻ پڳي آ

***



هيڏانهن سهڪي پير آ پهتو هوڏانهن ڊنگ وڏيرا آهن
ووٽن لاءِ غريب جي گهر تي چٽني پاسي گهيرا آهن
ساڳيا ماڻهو سوچ نہ بدلي سياست يار منجهايا آهن
ديس جا ياڳيا ناهن جاڳيا ٿي پيا گهگهہ انڌيرا آهن

***

هٽو جهمريون ڪيو ڊانس سنڌين جو خير ڪونهي ڪو
تباهي ڪنهن آندي آهي اهو ڪو غير ڪونهي ڪو
عقيدن يا تہ لالچ ۾ ڊڪي ڊوڙي ٿڪا ناهيو؟
اوهان جو بس الائي ڇو پٽيءَ تي پير ڪونهي ڪو

***

ٻڌي مر وقت جا حاڪم وري استاد مارين ٿو
الف بي تي سيکاريئي جن ڏڪا ڏئي سي ڏڪارين ٿو
ٻرو تنهنجو حشر ٿيندو دنيا ساري توکي ڏسندي
اُنهيءَ ۾ تون سڙي مرندين جيڪا هٿ باهہ ٻارين ٿو

***

ڏني مون حور جو ناهي، چوان ڪيئن حور جهڙي آن
عقل ۾ سمجهہ سان گڏ تون ، گهٽي شعور جهڙي آن
مثل سنڌ کان مٽي توکي، پيٽيان مان چيز ڪهڙي سان
مٽي سنڌي ٻوليءَ وانگر ، اکين جي نور جهڙي آن

***

سال ويو گذري سجو آئين نہ تون
هيل بہ تنهنجو ڪندس مان انتظار
عمر اوسيئڙي ۾ پل گذري وڃي
پيار جو ٿيندو نہ آهي آر پار

***

ويندڙ سال کي الوداع مون چيو
ايندڙ سال جي آجيان ٿو ڪيان
ٿڪو يار ناهيان مان جاکوڙ کان
اڃان جستجو شال جاري رکان

***

ڇڏ ملان تخريب کي تعمير جي ڪر ڳالھ تون
سچ چاهي حق جي تحرير جي ڪر ڳالھ تون
تنهنجي فتنن ۽ فسادن سان دنيا دوزخ بڻي
انسان جو زنده ٿئي ضمير جي ڪر ڳالھ تون

***

ڪٿي نمرود ظاهر آ ڪٿي فرعون هوندو آ
ظلم پوءِ انتها کان انتها شديد ٿيندو آ
وري تاريخ پنهنجو پاڻ کي بدلائيندي آهي
ائين هر دور ۾ پيدا تہ ڪو يزيد ٿيندو آ

***



books.sindhsalamat.com


حڪم ٿيو تہ سٽڪو جهڪو پوءِ ڪيائون
استادن تي احسان يڪو پوءِ ڪيائون
سرڪار سمجهو تہ هي ڪونہ مڙندا
ڏئي ڏاڍو ڪٽڪو پڪو پوءِ ڪيائون

***

پاڻ جهڙن سان پريت ۽ پيار ڪر
دوستي مغرور سان رکندو نہ ڪر
سور وارن سان ڪو دل جو سور سل
بينور جي ويهي اڳيان روئندو نہ ڪر

***

وڏي ڏاڙ ڏاڙي هٽي هو چون ٿا
ڏسو ٿا اسان ڪيڏي ترقي ڪئي آ
رڳو روز بک اڄ تي ماڻهو مرن ٿا
باقي سنڌ ساري تي سوني وئي آ

***

جنت جي پلي رک خواهش تون زاهد
مگر منهنجي سنڌ کي نہ دوزخ بڻايو
اسان کي نہ حورون نہ غلمان گهرجن
امن سان جيئڻ ڏيو نہ هي تر تپايو

***



www.sindhsalamat.com

كائي كا نہ وڏائي ڇاٽان
هر رنگ ۾ مان راضي آهيان
پورهيي تي ايمان پڪو آ
حال سان گڏ مان ماضي آهيان

***

نظرياتي كا سياست ناهي
ايرا غيرا پارو گهرجن
پوتارن کي چونڊ کٽڻ لاءِ
وانا ۽ وانگارو گهرجن

***

اوهان جون ڳالهيون صفا نراليون
پرين اکين تي رکي جيان ٿو
اکير الفت گهٽي كا محبت
اوهان جي سڪ ۾ سکي جيان ٿو

***

اوهان جون يادون اسان سان آهن
اوهان وساريو تہ خير آهي
وري وري مان اوهان ڏي ايندس
نِتا نهاريو تہ خير آهي

***


books.sindhsalamat.com

عمارت ۽ عزت جي من، ٿهڻ ۾ وقت ٿو گهرجي
وري ٻنهين جي ڍاهڻ، نہ ڍهڻ ۾ دير ٿيندي آ
برابر سج ٻہ پاڇا، اکين سان مون ڏٺو آهي
وڏائي يار ماڻهو کي، نهوڙي نيٺ نيندي آ

***

غريبن ساڻ گڏ ويهي ٻڌايون سيلفي پنهنجي
اميرن سان ويهي آخر لڄايون پاڻ کي کهڙو
پڄي ٿي چاپلوسي كا، نہ ئي چمچاگيري ڇاڻو
وري بہ كم ايندو آهي، پرين پورهيت جهڙو تهڙو

***

متان سونهن سمجهين، تون محلات ۾ آن
ککن ۾ بہ کيڏي رنگيني ڏسون ٿا
هر شيءِ حسين خوبصورت لڳي ٿي
پکن ۾ بہ کيڏي رنگيني ڏسون ٿا

***

ٻڌائي كوڙ جا قصا نہ كر گمراهہ تون ملان
اسان جي سنڌ جي تهذيب ۽ تاريخ شاهد آ
سدائين تو دلالي كئي گهرائي ديس ۾ ڏاريا
كيون ڏرتيءَ ڏٺن دانهون تنهن جي چيخ شاهد آ

***


www.sindhsalamat.com

سنڌ جو حال ڪيائون اهڙو
مسڪينن جي قبرن جهڙو
جنهن ۾ سچ نہ آهي صداقت
پي ٽي وي جي خبرن جهڙو
❊❊❊

ڪيڏو يار اياڻو ٿي وئين
پيجارن جي پوبان ڊوڙي
ڇو تو پنهنجو وقت وڃائين
پوتارن جي پوبان ڊوڙي
❊❊❊

قاتل توکي ڪهل نہ آئي
نياڻي تي تو گولي هلائي
امن جا هن گيت پئي ڳايا
تنهنجي منهن ۾ ڌوڙ ۽ ڇائي
❊❊❊

ڪوڙ کي تون سچ جو نالو نہ ڏي
پٽ اکيون ۽ ذهن تي تالو نہ ڏي
پاڻ پنهنجو پاڻ سان دوکو نہ ڪر
وقت جي رفتار کي جهالو نہ ڏي
❊❊❊



هڪ سوز تي ٿيو حملو ٻيو ساز تي ٿيو حملو
محبت سندي محفل جي انداز تي ٿيو حملو
ڪيڏي نہ ٻي حسي آ، وحشت کي ڪير روڪي
گونگن جي ديس ۾ اڄ آواز تي ٿيو حملو
❊❊❊

سچ جو سودو نہ تو ڪوئي سلي
ڪوڙ جي ڪاروبار لاءِ آتا گهڻا
منهن منافق کي ئي ڏيٺو تو پوي
ظلم جي وهنوار جا ڪاتا گهڻا
❊❊❊

سنڌ تنهنجي سورمن جوڌن جوانن کي سلام
حوصلا جن جا هماليا کان اوچا تن کي سلام
ڪنهن بہ ظالم جي اڳيان ناهن جهڪيا جي
هيمو هوشو روپلن ۽ ديس دودن کي سلام
❊❊❊

پنهنجا جوش جذبا سانديي رکي ڇڏ
سنڌ جي بقا جي اٿئي ويڙه وڙهڻي
وري رت دانگيءِ متان نيٺ ورندو
وڏڙن جي چوٽي سچي آهي ٽيڻي
❊❊❊



www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

پنهنجا ٽهڪ سارا سنڀالي تون رک
رڳو مرڪ هڪڙي ئي پياري تون ڏي
گهڙي پل ڏکن کي ٿو پا سي ڪيان
لمحي لئہ خوشي ڪا اڌاري تون ڏي

***

ساڏن سان پي ساٿ سلامت
چورن سان پي ياري آهي
ڪين لٽن هان ڌرتي ڌاريا
پنهنجن ۾ بہ غداري آهي

***

چور جي چوڪيداريءَ ماريو
پنهنجن جي تہ غداريءَ ماريو
مان نہ رڳو پر سڀ چون ٿا
وڪٽي سنڌ زرداريءَ ماريو

***

ڪوئي دنيا ۾ ڪوجهو نہ آهي
آهن هتي سڀ حسين ماڻهو
اسان ئي تہ سادا سپني ۾ آهيون
باقي سمورا ذهين ماڻهو

***

ننڍو ، وڏو ميمبر، ۽ مشير، بہ هوندو
پوليس پروٽوڪول ۾ وزير بہ هوندو
ڌارين ۾ ڪهڙو دم هو جو سنڌ لتاڙن
غدار ٿيو ”زردار“ ياڪو پير بہ هوندو.

***

مون حياتيءَ ۾ ڳوڙها بہ ڳاڙيا اٿم
بس اوهان جي ڪري، ها اوهان جي ڪري
ڪجھ لکي، لکي پنا بہ ڦاڙيا اٿم
بس اوهان جي ڪري، ها اوهان جي ڪري

***

# ٽيڙو

وئين واھ وٽي
نھاريو تو ناز مان
جڏھن نيڻ کٽي

❊❊❊

تنھنجا لبڙا لال
تون چوڏھين جو چنڊ
کھڙا ڏيان مان مثال

❊❊❊

رُسڻ تنھنجي ريت
تڏھن ٻہ توسان مان
پاڙيان وينو پريت

❊❊❊

رُسڻ تنھنجو ڪم
ڪين ڇڏيندس ڪڏھن
جيسين آھي دم


books.sindhsalamat.com

رسڻ تنھنجي راند
منٿون ڪرڻ مون ڪي
پيارا پيڙم پاند

❊❊❊

رسڻ منجھان راز
مٺا مون معلوم ڪيو
سو پڻ تنھنجو ناز

❊❊❊

شمع جھڙو شعاع
عجيب جي اکين ۾
تکو آھي تاءُ

❊❊❊

سنڌوءَ جي ڪينار
اکڙين جي مٿان
پرون جي آ ڏار

❊❊❊


www.sindhsalamat.com